ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 22 مارچ 2024ع بمطابق 11 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 297

پاڪستان جي 18 مارچ واري ڪارروائي افغان عوام ۽ فوج جي خلاف نہ هئي: پرڏيهي ڪاتو

پاڪستان 18 مارچ تي افغانستان ۾ دهشتگردن جي ٺاڪن تي ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي، پاڪستان اِها ڪارروائي افغان عوام ۽ فوج خلاف ناهي ڪئي

16 مارچ تي دهشتگرد حملي ڪانپوءِ پاڪستان ۽ افغانستان وچ رابطو ٿيو ۽ ان حوالي سان افغان اختيارين کي احتجاجي خط لکيو ويو جڏهن تہ پرڏيهي وزير پنهنجي افغان هم منصب سان فون تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

پاڪستان ڪيئي موقعن تي دهشتگرن جي ٺاڪن بابت افغانستان کي تفصيل ڏنا، ٽي ٽي پي جا ٺاڪ افغانستان ۾ آهن، جنهن تصديق رڳو اسان جي ئي نہ پر عالمي سطح جي رپورٽن ۾ بہ ڪئي وئي آهي

پاڪستان افغانستان تي قبضو ناهي ڪيو، پاڪستان افغانستان جي علائقائي خودمختياري جو احترام ڪري ٿو، افغانستان سان بهتر لاڳاپا چاهيون ٿا، اسان جو مقصد اڳتي وڌڻ آهي

پاڪستان جو شڪيل آفريديءَ واري معاملي تي موقف پراڻو آهي، شڪيل آفريدي کي پاڪستاني عدالت سزا ڏني آهي، پاڪستان غزا ۾ اسپتالن تي حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو

ڀارت والاريل ڪشمير جي 14 سياسي پارٽين تي پابندي مڙهي چڪو آهي جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي، والاريل ڪشمير ۾ اظهار جي آزادي تي پابندي جي مذمت ڪيون ٿا

اسلام آباد (رپورٽر) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي تہ پاڪستان جي 18 مارچ واري ڪارروائي افغان عوام ۽ فوج جي خلاف نہ هئي. اسلام آباد ۾ هفتيوار بريفنگ دوران پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو تہ 18 مارچ واري آپريشن جي تفصيل ۾ نہ وينديس، پاڪستان 18 مارچ تي افغانستان ۾ دهشتگردن جي ٺاڪن تي ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي، پاڪستان اِها ڪارروائي افغان عوام ۽ فوج خلاف ناهي ڪئي. ترجمان چيو تہ 16 مارچ تي دهشتگرد حملي ڪانپوءِ پاڪستان ۽ افغانستان وچ رابطو ٿيو ۽ ان حوالي سان افغان اختيارين کي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: پرڏيهي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ بريفنگ ڏئي رهي آهي

سائفر ڊرامو هو، عمران خان
سياست بچائڻ لاءِ سائفر جو جڙتو
بيانيو گهڙيو: شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سائفر ڊرامو هو. عمران خان سياست بچائڻ لاءِ سائفر جو ڪوڙو بيانيو گهڙيو. رڳو ڊونلڊ لوئي نہ پر اسد مجيد بہ عمران خان جي دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. عمران خان سياست بچائڻ لاءِ لابيسٽ هائر ڪيا. پاڪستان جو جهرو بگاڙڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو پروگرام گهربل آهي، ايندڙ وقت ۾ سخت فيصلا ڪرڻا پوندا: وزيراعظم

اڄوڪي اجلاس ۾ مختلف سياسي جماعتن جي چونڊيل نمائندن ۽ عسڪري قيادت جي شرڪت ان ڳالهہ جو واضح پيغام آهي تہ ملڪي ترقي لاءِ سڀ گڏ آهيون: وزيراعظم

معيشت وڏن چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي، تمام جلد ملڪي معيشت پنهنجي پيرن تي بيهندي ۽ اسان پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿينداسين. اسان کي هر ميدان ۾ ستارا اڀرڻا آهن

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو ٿي چڪو آهي، ڪجهہ ڏينهن ۾ قسط ملي ويندي. اسان کي وڌيڪ هڪ پروگرام گهرجي، جنهن جو دورانيو 3 سالن تائين ٿي سگهي ٿو

ساڍا 1300 ارب روپيا جيڪڏهن اسان وٽ اچي وڃن تہ ڪسٽو پيچي سگهون ٿا، وفاق اڪيلو چئلينجن کي منهن نٿو ڏئي سگهي، اميد آهي تہ سياسي اختلاف پاسي تي رکيا ويندا، اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

اسان کي اڳتي سخت فيصلا ڪرڻا پوندا، بار انهن تي وجهڻ گهرجي، جيڪي برداشت ڪري سگهن، ماضي ۾ اشرافيا کي سبسڊي ڏني وئي: ايپڪس ڪميٽي اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ ملڪي معيشت وڏن چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي پر معيشت جلد پنهنجي پيرن تي بيهندي ۽ اسان پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين. خاص سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي ايپڪس ڪميٽي جو تعارفي اجلاس اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيو ۾ وفاقي وزير، چئني صوبن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف چئني صوبن جي وڏن وزيرن سان گڏ بيٺل آهي

وفاقي سرڪار جو سڄي ملڪ ۾ بجلي ۽ گيس چورن جي خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

گهرو وزير جي هدايتن تي بجلي ۽ گيس چورن جي خلاف ڪريڪ ڊائون لاءِ اسپيشل ٽيمون جوڙيون وينديون

محسن نقوي ايف آءِ اي کي حوالہ هنڊي ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف گهيرو وڌيڪ تنگ ڪرڻ جي بہ هدايت ڪري ڇڏي

انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف ڪارروائي سان پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ بهتري آئي آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سڄي ملڪ ۾ بجلي ۽ گيس چورن جي خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ٻهري
نيوڪليئر انرجي سمٽ ۾ شرڪت
جي لاءِ برسلز پهچي ويو

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ٻهري نيوڪليئر انرجي سمٽ ۾ شرڪت جي لاءِ برسلز پهچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪستان کي سيڙپڪار دوست ملڪ بڻائڻ وزيراعظم جو ويزن آهي: عطاءُالله تارڙ

پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سي پيڪ جي صورت ۾ ويجهي ۽ پائيدار حصيداري خطي جي وسيع تر مفاد ۾ آهي

پاڪ چين دوستي اسان نسل در نسل ڏني آهي، پنهنجي نئين نسل کي ان بابت آگاهہ ڪرڻو پوندو

پاڪستان اقتصادي لنگهہ سان ايران، افغانستان، ڀارت، وچ ايشيائي جمهوريہ ۽ خطي تي ان جا مثبت اثر پوندا

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سي پيڪ کي پاڪستان جي معاشي ترقي جي فروغ جي لاءِ اهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سنڌ سماءَ جي وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سان چيني سفير ملاقات ڪندي

مونال ريسٽورنٽ جي ليز بابت
ڪيس، ملٽري اسٽيٽ جا آفيسر
سپريم ڪورٽ ۾ پيش

اسلام آباد (م ڊ) مونال ريسٽورنٽ جي ليز بابت ڪيس ۾ ملٽري اسٽيٽ جا آفيسر سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي ملاقات

آرمي چيف وزيراعظم کي پنهنجي سعودي عرب جي دوري بابت اعتماد ۾ ورتو

ملاقات ايس آءِ ايف سي جي ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس کان اڳ ٿي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير ملاقات ڪئي آهي. ذريعن موجب ملاقات ايس آءِ ايف سي جي ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس کان اڳ ٿي. ملاقات ۾ آرمي چيف وزيراعظم کي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

علي امين گنڊاپور ڪرپشن ڪئي تہ ان کي سر ڪير هٽندو؟: فيصل ڪريم ڪنڊي

گنڊاپور کي پاڻ يقين نٿو اچي تہ هو وڏو وزير بڻجي ويو آهي، جيڪڏهن مرڪز سان لاڳاپا بگاڙيندو تہ اسان جو صوبو پوئتي رهندو

2 اپريل تي سينيٽ چونڊن ڪانپوءِ حڪومت مڪمل ٿي ويندي، ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا، اميد تہ بحران مان نڪري ويندا سين

ڪي پي اسيمبلي جو اسپيڪر چاهي ٿو تہ مخصوص سيٽن ڪٽنيندڙ حلف نہ کڻن، جيڪڏهن اسپيڪر حلف نہ ورتو تہ قانون کي منهن ڏيندو

ڊي آءِ خان (م ڊ) پ پ ترجمان فيصل ڪريم ڪنڊي خيبر پختونخواهہ جي وڏي وزير طرفان رشوت خور جو متو قارڏڻ جي بيان تي ردعمل جو اظهار ڪيو هڪ بيان ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو تہ علي امين گنڊاپور ڇئي ٿو ڪرپشن ڪندڙ کي مٽي ۾ سر هٽائو. جيڪڏهن هو پاڻ ڪرپشن ڪري تہ ان کي سر ڪير هٽندو؟ هن چيو علي امين گنڊاپور کي پاڻ يقين نٿو اچي تہ هو وڏو وزير بڻجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سيڪيورٽي فورسز جو پنجگور ۾ آپريشن، هڪ دهشتگرد مارجي ويو

سيڪيورٽي فورسز 20 ۽ 21 مارچ جي وچين رات اطلاع تي آپريشن ڪيو

آپريشن ۾ دهشتگرد چاڪر لياقت مارجي ويو ۽ بہ دهشتگرد زخمي ٿي پيا

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي علائقي پنجگور ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪري هڪ دهشتگرد کي ماري ڇڏيو ۽ ٻن کي زخمي ڪري ڇڏيو وڌو. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز 20 ۽ 21 مارچ جي وچين رات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ خوراڪ کاتي ڪڻڪ خريداري بابت پاليسي جاري ڪري ڇڏي

ڪڻڪ في مڻ 4 هزار رپيا اگهہ تي خريد ڪئي ويندي، ٻارداني لاءِ ستين فارم جو شرط ختم ڪيو ويو آهي: نوٽيفڪيشن

16 ايڪڙ جي آبادگارن کي 100 سيٽي جون ٻوريون ۽ 200 پلاسٽڪ جون ٻوريون ڏنيون وينديون

ٻاردانو پاس بڪ ۽ تازي ڊل رپورٽ جي بنياد تي ڏنو ويندو، ڪڻڪ خريد ڪرڻ ڪانسواءِ اڳواٽ رقم ڏيڻ کي ڏوهہ سمجهيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ خوراڪ کاتي ڪڻڪ خريداري واري پاليسي جاري ڪري ڇڏي آهي. خوراڪ کاتي طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي تہ ڪڻڪ في مڻ 4 هزار رپيا اگهہ تي خريد ڪئي ويندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

هاڻي آمريڪي ايوان ۾ بہ سائفر کي ڪوڙو موقف چئي رد ڪيو ويو آهي: شيري رحمان

هاڻي اها ڳالهہ باضابطہ طور تي طئي ٿي چڪي آهي تہ سائفر کي بنياد بڻائي سياسي مقصدن جو تحفظ ڪيو ويو

آڊيو ليڪ ۾ تحريڪ انصاف باني ۽ سندس ساٿين سائفر تي سياست ڪيڏڻ جي رٿابندي ڪندي ٻڌا ويا

عمران خان جو پرنسپل سيڪريٽري سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ۾ تفصيلي وضاحت پيش ڪري چڪو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان چيو آهي تہ پاڪستان ڪانپوءِ هاڻي آمريڪي ايوان ۾ بہ سائفر کي ڪوڙو موقف چئي رد ڪيو ويو آهي. آمريڪي ڪانگريس جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي ۾ ڊونلڊ لو جي بيان تي سينيٽر شيري رحمان ردعمل ڏيندي چيو تہ آمريڪي ڪانگريس جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي ۾ ڊونلڊ لو واضح طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: ايس ايس پي اوير عرفان بهادر کي عهدي تان هٽايو ويو

ڊاڪٽر فرخ رضا کي بدلي ڪري ايس ايس پي اوير مقرر ڪيو ويو

عرفان بهادر کي سي پي او ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ايس ايس پي اوير عرفان بهادر کي عهدي تان هٽايو ويو. ايس ايس پي اوير عرفان بهادر کي عهدي تان هٽايو ويو، سي پي او ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جوهري توانائي جي پرامن استعمال لاءِ تجربا دنيا سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: اسحاق ڊار

توانائي جي مسئلن جي حل لاءِ پائيدار قدمن جي ضرورت آهي، اسان کي صاف ۽ سستي توانائي جي ضرورت آهي

پاڪستان آءِ اي اي اي جو فعال پائيوار آهي، اسان ڪوپ 28 ۾ گهٽ خارج ٿيندڙ ٽيڪنالاجي ۾ جوهري توانائي جي منظوري ڏني هئي

برسلز (م ڊ) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ توانائي جي مسئلن جي حل لاءِ پائيدار قدمن جي ضرورت آهي. جوهري توانائي جي پرامن مقصدن ۾ استعمال لاءِ پاڪستان پنهنجا تجربا دنيا سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار آهي. برسلز ۾ جوهري توانائي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملڪ ۾ ٽي ٽي پي ۽ پرڏيهہ مان پي ٽي آءِ حملي آور آهي: طلال چوڌري

دشمن جي هر سازش جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ ڄاڻيون ٿا، پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا تي شهيدن جي قربانين جو مذاق اڏايو

هي اسان جي شهيدن جو مذاق اڏائين ٿا، اهي لفظ استعمال ڪيا ويا جيڪي دشمن بہ نہ ڪيا

ميان والي بيس تي حملو پي ٽي آءِ وارا ڪن تہ اهي انقلابي پر ڏاڙهي وارا ڪن ها تہ اهي دهشتگرد هجن ها

فيصل آباد (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ طلال چوڌري چيو آهي تہ ملڪ ۾ پابندي پيل تنظيم ٽي ٽي پي ۽ پرڏيهہ مان پي ٽي آءِ حملي آور آهي. فيصل آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سندس چوڻ هو تہ دشمن جي هر سازش جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ ڄاڻيون ٿا، پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا تي شهيدن جي قربانين جو مذاق اڏايو. هاڻي قوم کي غدار ۽ محب وطن ۾ فرق ڪرڻو پوندو. هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

فيصل آباد: نواز ليگ اڳواڻ طلال چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

پوليس جي حراست هيٺ
جوابدار ٽاڻي جي عمارت
تان ٽپو ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور پوليس جي حراست هيٺ جوابدار ٽاڻي جي عمارت تان ٽپو ڏئي ڇڏيو. پوليس موجب جوابدار جون ٻئي ٽنگون ڀڄي پيون آهن. ڪيس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس ٻڌايو تہ جوابدار کي اغوا جي الزام ۾ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو هو. لاهور پوليس جي حراست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: ايف 9 پارڪ ۾ ڇوڪري سان زيادتي ڪيس، جوابدار جو عدالتي ريمانڊ منظور

جوابدار ساجد حسين کي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

اسلام آباد جي سيشن ڪورٽ زيادتي ڪيس ۾ جوابدار کي ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو

اسلام آباد جي سيشن ڪورٽ زيادتي ڪيس ۾ جوابدار کي ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو. اسلام آباد جي سيشن ڪورٽ زيادتي ڪيس ۾ جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سائفر معاملي تي ڊونلڊ لو ڪوڙ ڳالهايو: پي ٽي آءِ جو ٻيهر انڪوائري جو مطالبو

اسان ان جي ٻيهر انڪوائري جو مطالبو ڪيون ٿا، اسد مجيد ڊونلڊ لو سان ميٽنگ جو اعتراف ڪيو: بئريسٽر گوهر

عمران خان سان اڄ تفصيلي ملاقات ٿي آهي، ڊونلڊ لو ڪالهہ جيڪو بيان ڏنو ان تي اسد مجيد کي پنهنجو بيان جاري ڪرڻ گهرجي

ڊونلڊ لو سائفر جي ڪانٽينٽ، ايتري تائين جو ملاقات کي بہ رد ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ اسد مجيد سائفر جو ڪانٽينٽ عدالت ۾ جمع ڪرايو آهي

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي تہ سائفر معاملي تي ڊونلڊ لو جيڪو چيو اهو ڪوڙ آهي. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو تہ ڊونلڊ لو جيڪو چيو اهو ڪوڙ آهي. اسان ان جي ٻيهر انڪوائري جو مطالبو ڪيون ٿا. اسد مجيد ڊونلڊ لو سان ميٽنگ جو اعتراف ڪيو ۽ سائفر جي تصديق ڪئي هئي. ان جي سفارش تي ئي سائفر کي ڊيمارش ڪيو ويو هو چيو تہ پي ٽي آءِ باني سان اڄ تفصيلي ملاقات ٿي آهي. ڊونلڊ لو ڪالهہ جيڪو بيان ڏنو ان تي اسد مجيد کي پنهنجو بيان جاري ڪرڻ گهرجي. ڊونلڊ لو سائفر جي ڪانٽينٽ، ايتري تائين جو ملاقات کي بہ رد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهہ استادن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ڊونلڊ لو سچو آهي تہ عمران خلاف ڪيس واپس ٿيڻ گهرجي: بابر اعوان

ڊونلڊ لو عمران خان کي بري ڪرڻ وارو بيان ڏنو آهي

موجود حڪومت چوري جي مينڊيٽ سان ناهي وئي آهي، هي سليوٽ مار حڪومت آهي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بابر اعوان چيو آهي تہ جيڪڏهن آمريڪي سيڪريٽري ڊونلڊ لو سچ ڳالهايو آهي تہ اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ڪار مان 30 ورهين جي شخص جو گولي لڳل لاش هٿ

ڪار مان لاش ملڻ جو واقعو نارٿ ناظم آباد ۾ لنڊي ڪوتل چورنگي وٽ پيش آيو

لاش 7 کان 8 ڪلاڪ پراڻو آهي، ان جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي: ڊاڪٽر

ڪراچي (رپورٽر) نارٿ ناظم آباد ۾ ڪار مان 30 ورهين جي شخص جو گولي لڳل لاش هٿ آيو. پوليس موجب ڪار مان لاش ملڻ جو واقعو نارٿ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ويگهي پيءُ 8 ورهين جي نينگري کي پيٽرول هاري باهہ ڏئي ڇڏي، جوابدار فرار

ٻارڙي جو جسم 25 سيڪڙو تائين سڙي ويو، ٻارڙي جي والده مڙس جي ڊپ سبب پوليس کان معاملو کي لڪائي رکيو

عورت ٻارڙي جو ڪڏهن سول اسپتال تہ ڪڏهن نجي اسپتال مان علاج ڪرائيندي رهي

ٻارڙي تي پيٽرول هاري باهہ لڳائڻ جي واقعي جو ڪيس ٻارڙي جي ويگهي پيءُ جي خلاف داخل ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي لانڍي ۾ ويگهي پيءُ 8 ورهين جي معصوم نينگري تي پيٽرول هاري باهہ ڏئي ڇڏي جنهن سبب ٻارڙي سخت زخمي ٿي پئي آهي. ايس ايس پي ڪورنگي حسن سردار موجب جوابدار طارق پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪوئٽي مان لکرڊ گئس ۽ پاڻ ڪاڍهڻ بابت صوبائي سطح تي پاليسي جو مسودو تيار

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ جي صدارت هيٺ سنڌ ڪول اٿارٽي جي اعليٰ سطحي اجلاس

ٿر جي ڪوئلي کي ڏکڻ آفريڪا جي انٽرنيشنل ليبارٽري ۾ گئس ڪاڍهڻ لاءِ بهترين قرار ڏنو ويو آهي: بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) ٿر جي ڪوئلي مان (LIQUID (GAS ۽ (REA) پاڻ جي پيداوار جي حوالي سان صوبائي سطح تي پاليسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ اجلاس جي صدارت ڪندي

حڪومت جو بجلي بلن ذريعي واپارين کان ٽئڪس وٺڻ جو فيصلو

حڪومت 35 لک واپارين کي ٽئڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ اسڪيم تيار ڪئي آهي: ذريعا

واپارين جي ساليانی آمدني کي ٻارنهن حصن ۾ ورهايو ويندو ۽ ٽئڪس اوڳاڙي ڪاروبار ڪندڙ کان ڪئي ويندي

بجلي جي بلن ۾ واپارين لاءِ هڪ نئون ڪالم متعارف ڪرائڻ جي تجويز بہ سامهون آئي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت واپارين کان بجلي بلن ذريعي ٽئڪس وٺڻ واري اسڪيم تيار ڪري ورتي، ايف بي آر ذريعن موجب، حڪومت 35 لک واپارين کي ٽئڪس نيٽ ۾ آڻڻ لاءِ اسڪيم تيار ڪئي آهي جنهن ۾ واپارين کان ٽئڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مبارڪ رمضان دوران مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: سردار علي شاهہ

صوبائي وزير سردار علي شاهہ جي صدارت هيٺ ضلعي ڏکڻ ڪراچي جو اجلاس، لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

آفيسر روزاني جي بنياد تي بازار جو دورو ڪرڻ جو سلسلو جاري رکن ۽ ڪارروائي جا تفصيل فراهم ڪن: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ٻاران رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ قائم ڪيل ڊويزنل پرائس مئنيجمينٽ ڪميٽي ڪراچي ڊويزن جي ميمبر ۽ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، حافظ نعيم وڏو ڀاءُ آهي: مرتضيٰ وهاب

مرتضيٰ وهاب جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم جي رهائشگاهہ پهتو، جتي هن ساڻس عيادت ڪئي

سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر حافظ نعيم منهنجو وڏو ڀاءُ آهي، بلاول ڀٽو جو اهو ئي فلسفو آهي تہ نفرت جي سياست ختم ٿئي: ميئر ڪراچي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر حافظ نعيم منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. مرتضيٰ وهاب جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم جي رهائشگاهہ پهتو جتي هن ساڻس عيادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن 45 هزار ميٽرڪ ٽن کنڊ خريداري جو ٽينڊر رد ڪري ڇڏيو

رمضان ۾ امڪاني کوٽ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ کنڊ جي خريداري جو ٽينڊر جاري ڪيو ويو

کنڊ جي مهانگي ٽيڻ سبب ٽينڊر رد ڪيو ويو، گهٽ کان گهٽ ٻولي 142 روپيہ في ڪلو جي حساب سان لڳائي وئي

ڪارپوريشن وٽ کنڊ جا وڏا ذخيرا موجود آهن، ڪارپوريشن 45 هزار ميٽرڪ ٽن جي تحت ٻوليون طلب ڪيون هيون

اسلام آباد (م ڊ) يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن 45 هزار ميٽرڪ ٽن کنڊ خريداري جو ٽينڊر رد ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب ذريعن ٻڌايو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: صوبائي صلاحڪار نجمي عالم شين جا اگهہ معلوم ڪندي

ڪامران ٽيسوري جي اسپتال ۾
نصير سومري سان عيادت،
امدادي چيڪ بہ ڏنائين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر جي نجي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پنجاب، وفاق کي شرافت جي زبان سمجهہ ۾ نٿي اچي: علي امين گنڊاپور

منهنجي، منهنجي قيادت ۽ پارٽي خلاف ڪيسن ۾ ثبوت آهن تہ سامهون آندا وڃن

ڪين لڳي ٿو تہ هي گرفتار ڪري وٺندا، ائين ڪري وٺن

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهہ جي وڏي وزير پنهنجي ضمانت نہ ٿيڻ جو ڳي گرفتاري وارنٽ تي سخت رد عمل ڏيندي چيو آهي تہ پارٽي ليڊر شپ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لوڌران ۾ جهيڙي دوران چماٽ هڻڻ تي مڙس ڳورهاري زال ۽ ڌيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو

عرفان نالي شخص جو گهر ۾ پنهنجي ڳورهاري زال رقيہ سان جهيڙو ٿيو تہ زال ڪيس منهن تي چماٽ هڻي ڪيڏي

هن پهريان پنهنجي زال جي ڳلي ۾ ڦاهو وجهي ان کي قتل ڪيو پوءِ ڏيڍ ورهين جي ڌيءَ جي منهن تي وهاڻو رکي ان کي بہ قتل ڪري ڇڏيو

صدر ٿاڻي ڪهروڙ پڪا جي پوليس ماءُ ڌيءَ جا لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ ڪهروڙ پڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

لاهور (م ڊ) لوڌران ۾ مڙس مبينہ طور تي ڳورهاري زال ۽ ڏيڍ ورهين جي ڌيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب ٻٽي قتل جي اها واردات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: ميئر ڪراچي شهيد ڪرنل ڪاشف جي وارثن سان تعزيت ڪندي

فيصل آباد: نجي گرلز هاسٽل ۾
شاگرديائين جون ڳجهي نموني غير
اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ جو انڪشاف

فيصل آباد (م ڊ) فيصل آباد ۾ نجي گرلز هاسٽل ۾ رهندڙ شاگرديائين جون ڳجهي نموني غير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اليڪشن ڪميشن مودي سرڪار کي ترقي جو راڳ الاپڻ کان روڪي ڇڏيو

سوشل ميڊيا پوسٽس ذريعي ملڪ جي غير معمولي ترقي ۽ خوشحالي جون دعوائون نہ ڪيون وڃن: اليڪشن ڪميشن

اليڪٽرانڪس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت کي خاص هدايتون جاري

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي اليڪشن ڪميشن مودي سرڪار کي ترقي جو راڳ الاپڻ ۽ وڏين دعوائن کان روڪي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ اليڪٽرانڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ ۾ وڌندڙ بد امني اغوا ڪاري ۽ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شهيد ڀٽو پاران احتجاج

پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ پ پ شهيد ڀٽو جي سڌ تي ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو

سردار قربان ڪلوڙ، شير محمد چاچڙ ۽ مختيار علي بلو، صفت علي هاليپوٽو، جاويد نوحاڻي ۽ علي نواز ڪبر شريڪ

سنڌ پوليس پنهنجا فرض نڀائڻ بجاءِ صرف ڪمداري ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل ۽ سنڌ واسي غير محفوظ بڻيل آهن: اڳواڻ

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر سنڌ ۾ وڌندڙ بد امني اغوا ڪاري ۽ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ پ پ شهيد ڀٽو سنڌ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: پ پ (ش ڀ) پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو جي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ چور الڳ الڳ دڪانن جا تالا ٽوڙي لکين روپين جي چوري ڪري ويا

منير شيخ ڪارخاني جي سامهون عبدالجبار پنهور ۽ شهباز ٻگهيو جي دڪانن مان سامان چوري

چور الڳ الڳ دڪانن جا تالا ٽوڙي ڪيش پئسا ۽ 40 کان 45 سگريٽن جا ڏٻا کڻي آساني سان فرار

ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن، واپاري غير محفوظ آهن امن امان جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ نامعلوم چورن روڊ منير شيخ ڪارخاني جي سامهون بن ڪرياني جي دڪاندارن عبدالجبار پنهور ۽ شهباز ٻگهيو جي الڳ الڳ دڪانن جا تالا ٽوڙي ڪيش پئسا ۽ 40/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

هنگورجا مان 10 ڏينهن اڳ
مبينا طور اغوا ٿيل ٽيڪسي
ڊرائيور بازياب نه ٿيو

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا مان 10 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل ٽيڪسي ڊرائيور احمد بخش جانوري کي پوليس انتظاميه اڃان تائين بازياب نه ڪرائي سگهي آهي مغوي جا وارثن پوليس جي ڪاروائي مان مايوس ٿي ويا آهن ڳوٺ جهنڊل خان جانوري مان اغوا ٿي ويل احمد بخش جانوري جي وارثن جو احتجاجي مغوي جي وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪي اين شاهه: بدامني خلاف دڪاندار احتجاج ڪري رهيا آهن

پيپلز مزدور يونين جي جدوجهد رنگ لاٿو: انتظاميه طرفان 5 پرسينٽ سان بونس جاري

شوگر مل انتظاميه ۽ پورهيتن ۾ پنج پرسينٽ بونس سميت ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ختم

شوگر مل انتظاميه واعدي موجب 19 مارچ تي مل جي سمورن ملازمن کي پنج پرسينٽ بونس جاري ڪري ڇڏيو

پيپلز مزدور يونين جا اڳواڻ، ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري، منور علي مغل، ايڊووڪيٽ نجم الدين لغاري کي مبارڪون

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) پيپلز مزدور يونين جي جدوجهد رنگ لاٿو فاران شوگر مل انتظاميه طرفان پنج پرسينٽ سان بونس جاري، پورهيتن ۾ سرهائي، فاران شوگر مل انتظاميه ۽ پورهيتن ۾ پنج پرسينٽ بونس سميت ٻين مطالبن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مڪلي ۽ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ۾ شاعري جي عالمي ڏهاڙي تي تقريب

تعليم کاتي جي هدايتن تي اسڪول ۾ شاعري جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ تقريب ڪوٺائي وئي

سينيئر هيڊ ماستر بشارت الياس جوکيو، مشهور شاعر ۽ ليکڪ عبدالحميد مهراڻوي، سلمان جاکرو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

شاعر خوبصورت لفظن ۾ پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. تاريخ ۾ صرف سچا ۽ حقيقي شاعر رهن ٿا: ساجاهه وند

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز ۾ سيپڪو جو
لائين سپرنٽينڊنٽ اظهر علي
کوکر ايف آءِ اي هٿان گرفتار

نوشهروفيروز (ڊ ر) سيپڪو جو لائين سپرنٽينڊنٽ اظهر علي کوکر کي ايف آءِ اي گرفتار ڪري ورتو سندس مٿان الزام هو ته هو صارفين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو: سرڪاري اسڪول ۾ ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

سکر ۾ 2 ڏينهن اندر ٻن ايس ايس پيز سميت ڊي ايس پي ۽ ٻين آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون

2 ڏينهن اڳ ڊاڪٽر سمير نور چنا ايس ايس پي طور سکر ۾ چارج سنڀالي هئي کيس هٽايو ويو

حڪومت پاران نئين مقرر ڪيل ايس ايس پي عابد علي بلوچ کي پوليس جي دستي سلامي ڏني

ڊي ايس پي عبدالستار ڦل کي هٽائي مس پارس بکراڻي کي ڊي ايس پي سائيٽ مقرر ڪيو ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) 48 ڪلاڪن اندر سکر ۾ ٻن ايس ايس پيز سميت ڊي ايس پي ۽ ٻين آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون 2 ڏينهن اڳ ڊاڪٽر سمير نور چنا ايس ايس پي طور سکر ۾ چارج سنڀالي هئي جڏهن ته ٻئي ڏينهن تي کيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ميرپور ماٿيلو شهر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جون هلندڙ ڊائيسون قسط هلڻ شرط بند

شهر ۾ غريب ۽ مستحق عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو وظيفو نه ملي سگهيو آهي

ڪيترين ئي روزيدار عورتون دربدر، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيسرن به ٻوٽو نه ٻاريو آهي

انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي مان غريب ۽ مستحق عورتن کي ڪو به فائدو نه ملي سگهيو آهي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ ظهير وسير) ميرپور ماٿيلو شهر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

لاڙڪاڻي حسيني پاڙي جي
رهواسي ڳلي جي ڪينسر ۾ مبتلا
نوجوان پاران سهائتا لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي حسيني پاڙي جي رهواسي ڳلي جي ڪينسر ۽ ڪاري ڪامڻ ۾ مبتلا نوجوان پاران پنهنجي معصوم ٻارڙين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ميرپور ماٿيلو: بي آءِ ايس پي سينٽر ٻاهران مستحقن جي رش لڳل آهي

سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي سرپرست اعليٰ سچڻ سائين جي 61 هين سالگرهه

المرڪز انوار طاهريه سائيٽ ايريا سکر ۾ ڪيڪ ڪٽڻ جي تقريب افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو

محمود علي ميمڻ، خليفو مولانا حسيب احمد راهوجو، حافظ عظمت الله ميمڻ ۽ ٻيا ڪارڪن شريڪ ٿيا

علي خان عباسي، مولانا جميل احمد آرائين، آصف راجپوت، صبغت الله ميمڻ، تاج محمد لکڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر (بيورو رپورٽ) جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي سرپرست اعليٰ امن و محبت جي سفير، فخر انسانيت خواجه محمد طاهر المعروف سچڻ سائين جي 61 هين سالگرهه جي موقعي تي جماعت اصلاح المسلمين، جميعت علماءِ طاهريه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ پاڻي سپلائي ۽ ڊرينيج واٽر لائين جو هلندڙ ترقياتي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو، شهري پريشان

روڊن کي کوٽڻ جو ڪم جاري، شهرين کي آمد و رفت ۾ سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

واٽر سپلاءِ لائين وڇائڻ واري رٿا کي ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود ترقياتي ڪم سست رفتاري جو شڪار آهن

شهرين ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٻين اختيارين کان نوٽيس وٺي ناقص ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ پاڻي سپلائي ۽ ڊرينيج واٽر لائين جو هلندڙ ترقياتي ڪم مڪمل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

متياري ۾ احترام رمضان
آرڊيننس تي عملدرآمد لاءِ فوڊ
ڊپارٽمينٽ پاران ڪارروايون

متياري (رپورٽر) احترام رمضان آرڊيننس تي عملدرآمد لاءِ فوڊ ڊپارٽمينٽ پرائس ڪنٽرول اٿارٽي جون منافع خورن خلاف ڪارروايون جاري، ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر: سست رفتاري سان هلندڙ ترقياتي ڪمن جو ڏيک

جهرڪ ٿاڻي جي انسپيڪٽر
پاران چيڪنگ دوران منشيات
فروش گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) جهرڪ ٿاڻي جي انسپيڪٽر ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

رمضان جو مهينو شروع ٿيڻ بعد سڪرنڊ فلاحي ڪاميٽي جي چيئرمين پاران ڪپڙا تقسيم

نوراحمد رند پاران لطيف ڪالوني جي سرڪاري اسڪول جي غريب ٻارڙن جا وار پنهنجي خرچ تي ٺهرايا

غريبن جي هر وقت خدمت ڪريون وس آهر عوام جي خدمت کي عبادت سمجهي ڪري رهيا آهيون: ڳالهيون

سڪرنڊ (رپورٽر) رمضان شريف جي پهرين مهيني شروع ٿيڻ بعد سڪرنڊ فلاحي ڪاميٽي جي چيرمين ۽ وارڊ ون جي چونڊيل ڪائونسلر نوراحمد رند واران لطيف ڪالوني جي سرڪاري اسڪول جي غريب ٻارڙن جا وار پنهنجي خرچتي ٺهرايا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ناليواري صحافي امداد اوڊو جو وڏو پٽ سوڊل عزيز اوڊو 6 مارچ کان پراسرار نموني گم

شاهه لطيف ٿاڻي تي ڪيس داخل، وارث پريشان، سوڊل عزيز اوڊو جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل

مليرجي علائقي سنڌي جماعت هائوسنگ سوسائٽي مان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي: وارث

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ناليواري صحافي امداد اوڊو جو وڏو پٽ سوڊل عزيز اوڊو 6 مارچ کان پراسرار نموني گم. شاهه لطيف ٿاڻي تي ڪيس داخل./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جي ڊي اي جي اڳواڻن ڪارڪنن تي انتقامي ڪاروايون ڪيون پيون وڃن: شاهنواز خان جتوئي

آصف راهوجو پنهنجي ٻارڙن سان گڏ مورو اسپتال مان واپس اچي رهيو ته ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي

اليڪشن ڏينهن پولنگ اسٽيشن علي بخش ماڇي تي ٿيندڙ جهيڙي فائرنگ ۾ قتل ڪيس داخل ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر) جي ڊي اي اڳواڻ رئيس شاهنواز خان جتوئي، وڏيرو محمد اقبال راهوجو ۽ وڏيرو نادر علي راهوجو گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز جي ڊي سي پاران سنڌو درياهه جي حفاظتي بندن جو معائنو

محمد ارسلان سليم ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايريگيشن ڊپارٽمينٽ سان گڏ دورو ڪيو

هن سال هتي بند جي مضبوطي لاءِ اسٽنٽ ناهڻ جي اسڪيم تجويز ڪئي وئي آهي: عملدار

نوشهروفيروز (رپورٽر منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايريگيشن ڊپارٽمينٽ روهڙي ڊويزن افتخار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ڊي سي محمد ارسلان سليم درياهه جي بچاءَ بند جو معائنو ڪري رهيو آهي

جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ نامزد سهولتڪار جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌڻي ملتوي

جوابدار ماستر بشير مهر جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌڻي 28 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

سکر بينچ جي جسٽس ارشاد علي شاهه ۽ جسٽس ذوالفقار علي سانگي تي ٻه رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر پاران شهيد صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ نامزد سهولتڪار جوابدار ماستر بشير مهر جي ضمانت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پاڪ فوج ۾ ٺٽي جي پڙهيل نوجوانن جي ڀرتين جو سلسلو جاري آهي: وريام خان بلوچ

29 ۽ 30 مارچ ڊگري ڪاليج ۾ صبح 8 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين ڀرتي ڪيو ويندو

نوجوان ڀرتي ڪرائي بهتر روزگار ڪمائڻ سان گڏ ملڪ توڙي قوم جي بهتر خدمت ڪري سگهن ٿا

ٺٽو (ڀر) پاڪ آرمي ڀرتي ٽيم ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي انچارج وريام خان بلوچ ٻڌايو ڪيو آهي ته پاڪ فوج ۾ ڀرتين جو سلسلو جاري آهي. ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس سکر ٿاڻي جي ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار

صوبائي وزير شرجيل انعام، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن جي هدايتن تي ڪارروائي

پوليس عبدالحفيظ ولد عبدالعزيز کي گرفتار ڪري قبضي مان 25 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس سکر ٿاڻي جي ڪارروائي. هڪ جوابدار گرفتار. 25 ليٽر ڪچي شراب هٿ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پاڪستان ۾ اکين جي بيمارين جي علاج لاءِ ڪنگ سلمان رليف سينٽر پاران مهم جاري

ڪيمپ بصر انٽرنيشنل فائونڊيشن جي سهڪار سان ال ابراهيم اکين جي اسپتال پاران لڳائي وئي

ڊاڪٽرن پاران 3 هزار 788 مريضن جي چڪاس ڪري مقرر ڪيل دوائن سان گڏ مهيا ڪيون ويون آهن

سجاول (ڊر) پاڪستان ۾ انڌن ۽ ان سان لاڳاپيل بيمارين جي علاج لاءِ ڪنگ سلمان رليف سينٽر پاران اکين جي ڪيمپس ڪاميابيءَ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ خان محمد رند ۾ ٽن گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

ڳوٺاڻن جون باهه وسائڻ جون ڪوششون به ڪامياب نه ٿيون ۽ باهه تي ضابطو نه ٿي سگهيو

مير محمد رند ۽ مير حسن رند جي ڍڳي، مينهن ۽ ٻڪريون سڙي مري ويون ۽ لکين روپين جو نقصان ٿيو

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪمارواڌ) سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ خان محمد رند ۾ ٽن گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي. ڳوٺاڻن جون باهه وسائڻ جون ڪوششون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سڪرنڊ: ڳوٺ خان محمد رند ۾ گهرن کي لڳل باهه جو ڏيک

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ حافظ محمد يعقوب ٽنيا ۾ نينگري ٽريڪٽر هيٺان چيپاڄي فوت

جاويد علي منگي جي 10 سالن جي نياڻي مونا ٽريڪٽر هيٺان اچي چيپاڄي فوت ٿي وئي

ٽريڪٽر پنهنجو هو نينگري مونا اوچتوان جي زد ۾ آئي تنهن ڪري ڪيس داخل نه ڪيو سين

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حافظ محمد يعقوب ٽنيا ۾ جاويد علي منگي جي 10 سالن جي نياڻي مونا ٽريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو باگو ۾ سنڌ جي ثقافتي ملهه راند جا مقابلا ٿيا، ساجاهه وندن پاران شرڪت

پهلوان الهجڙيو نوحاڻي منظور عرف هرڻي ڪوسو مراد پهنور حبيب الا حاجاڻو شريڪ

سنڌ جا بهترين رانديگر آيا آهن ۽ شهر توڙي ٻهراڙي جا ماڻهو اچي لطف اندوز ٿيا آهن

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊو باگو ۾ سنڌ جي ثقافتي ملهه راند جا مقابلا ٿيا جنهن ۾ سنڌ جي بهترين مله پهلوان الهجڙيو نوحاڻي منظور عرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سڪرنڊ ۾ هاءِ اسڪول جي استاد سڪندر علي گهلو ڪان ڦرلٽ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

استاد لقمان ڪيريو، استاد سڪندر گهلو، استاد رائو ظفر راجپوت جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، ماڻهو روڊن رستن سميت گهرن ۾ به محفوظ ناهن: مظاهرين

سڪرنڊ (رپورٽر) هاءِ اسڪول جي استاد سڪندر علي گهلو ڪان پناما بورڊ وٽان هٿيارن بندن پاران ڪيل ڦر خلاف گسٽا سڪرنڊ جي اڳواڻن استاد لقمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو جي جهوپيان سيد آباد جو ناميارو اداڪار منير سيال اکين جي نور کان محروم، سهائتا جو منتظر

اداڪار منير سيال گهر تائين محدود، هاءِ بلڊ پريشر آرٽسٽ جي اکين جي شعاع واريون رڳون متاثر ڪيون

سنڌي اداڪار، ڪهاڻيڪار ۽ ناليوارو هدايتڪار منير سيال بيماري ۾ اکين جي نور کان محروم بڻجي ويو آهي

هزارين وڙان گمبٽ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسپتالن تائين علاج ڪرايو آهي پر صحتياب نه ٿي سگهيو آهيان: ڳالهيون

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) دادو ويجهو پاڻ سيد آباد جو ناميارو اداڪار منير سيال اکين جي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروز
جي رابطا سيڪريٽري پاران اليڪشن
ڪرائڻ لاءِ ڪوششون

نوشهرو فيروز (ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروز جي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگڙ ضلعي جي سمورين شاخن جي اليڪشن ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪاميٽي ۾ شاخ نوشهرو فيروز جي امجد ميمڻ ۽ شاخ نوان جتوئي جي سبحان سوز جتوئي کي سهڪار لاءِ ڪاميٽي ۾ ڪنيو آهي ۽ سمورين شاخن کي چيو آهي ته آهي اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: اکين جي نور کان محروم بڻيل اداڪار منير سيال مالي مدد جي اپيل ڪري رهيو آهي

ملير جي ظفر ٽائون مان پراسرار طور اغوا ٿيل واپاري جو ڏس پتو نه پيو، بازيابي لاءِ ٿاڻي تي ڇاپو

منهنجي پٽ کي پوليس قذافي ٽائون هوٽل تي گهرائي اغوا ڪري گم ڪيو آهي: والد جون ڳالهيون

ظفر ٽائون مان 3 ڏينهن کان پرسرار طور اغوا ٿيل وپاري لال خان جتوئي جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي

پٽ کي ڪير جو دڪان آهي پوليس پنگ طلب ڪيو آهي، ڪيس ناهي ڪيس ظاهر ڪري انصاف ڪيو وڃي

ملير (رپورٽر) ملير جي ظفر ٽائون مان 3 ڏينهن کان پراسرار طور اغوا ٿيل واپاري لال خان جتوئي جو ڏس پتو نه پيو، بازيابي لاءِ سکڻ ٿاڻي تي مئجسٽريٽ جو ڇاپو هٽ نه آيو منهنجي پٽ کي پوليس قذافي ٽائون هوٽل تي گهرائي اغوا ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڪرنڊ ۾ چورن ۽ ڦورن رڻ ٻاري ڏنو، پوليس ايڪشن کڻڻ کان لاچار بڻيل، اختيار يو خاموش

ڳوٺ ٺلهو انڙ ويندڙ هاءِ اسڪول جي استاد سڪندر علي گهلو کان پناما بورڊ اسٽاپ وٽان ڦرتي

هٿيار بند ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل، موبائيل فون، روڪ رقم ۽ اي ٽي ايم ڪارڊ ڦري ڪري فرار ٿي ويا

شهر ۾ هر روز ماڻهو ڦرجي رهيا آهن ۽ پوليس ڌوهارين خلاف ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي: ساجاهه وند

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪماراوڌ) چورن ۽ ڦورن رڻ ٻاري ڏنو، پوليس ڪو نوس ايڪشن کڻڻ کان لاچار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان جي تعليمي
ماهر احمد خان سمون جي
گهر واري لاڏاڻو ڪري وئي

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي تعليمي ماهر مرحوم احمد خان سمون جي گهر واري. تعليم کاتي جي رٽائر هيڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سڪرنڊ: شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين شهر جي واپارين کان لکين روپيا ڦر ۽ گهرن دڪانن مان چورين خلاف احتجاجي مظاهرو

لکين روپين جي لاڳت جا سونا زيور ۽ سامان واپس ڪرائڻ ۾ بدين پوليس نوٽيس نه ورتو آهي

علي اڪبر ميمڻ واپارين سان ڳالهيون ڪري رمضان مهيني ۾ شٽر بند هڙتال ڪرڻ جي اپيل ڪئي

واپارين ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سان ۽ ايس ايڇ او بدين محمود پٺاڻ سان ملاقات پڻ ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) اڻن ڏينهن ۾ بدين شهر جي واپارين کان لکين روپيا ڦر ۽ گهرن دڪانن مان لکين روپين جي چورين جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ ته ٿي ڦر ۽ چوري ٿيل لکين روپيا ۽ لکين روپين جي لاڳت جا سونا زيور ۽ سامان واپس ڪرائڻ ۾ بدين پوليس جي عدم دلچسپي ۽ چونڊيل اسيمبلي ميمبرن طرفان خاموشي تي شهرين ۾ ڏاهه پکڙيل آهي گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين ۾ ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان نرسنگ ڪاليج مڊوائفري اسڪول ۾ سيمينار

سيمينار ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح حليو، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ظهير الدين ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ٽي بي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر صلاح ڪوسو، ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو، ڊاڪٽر رسول بخش، ڊاڪٽر نقاش شريڪ

دنيا ۾ پاڪستان پنجين نمبر ته آهي، هتي هر سال ٽي بي جا 5 لک کان مٿي مريض ظاهر ٿين ٿا: ڊاڪٽر صلاح ڪوسو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان نرسنگ ڪاليج بدين ۽ مڊوائفري اسڪول ۾ سيمينار منعقد ڪيا ويا سيمينار کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته ٽي بي جي پاڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عادلپور پرسان ڳوٺ جاڙو بلو جي رهواسين پاران ٻاٿرن خلاف مظاهرو، نوٽيس جي گهر

رهواسين ماهي بلو ڌهر بلو شريف بلو دلدار بلو پورل بلو ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

چاچڙ برادري هٿيارن جي زور تي گهرن ويجهو ٻيلي کاتي جي زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي: مظاهرين

ٻيلي کاتي جي زمين مٿان قبضو ختم ڪرائي قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

عادلپور (رپورٽر اسلم مهر) عادلپور پرسان ڳوٺ جاڙو بلو جي رهواسين ماهي بلو ڌهر بلو شريف بلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميهڙ تعلقي اسپتال جي ايم ايس
ڊاڪٽر هدايت علي ڪوسو پاران
ملازمن ۾ ڪپڙا ورهايا ويا

ميهڙ (رپورٽر) تعلقي اسپتال ميهڙ جي ايم ايس ڊاڪٽر هدايت علي ڪوسو پاران عيد جي حوالي سان صحت کاتي جي ملازمن ۾ ڪپڙا ورهايا ويا ايم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

عادلپور: ڳوٺ جاڙو بلو واسي ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ بچت بازار تي خريداري لاءِ عوام جي رش، رڳو 10 سيڪڙو اگهه گهٽ!!!!

ضلعي انتظاميه واپارين جي تعاون سان شهر جي واپاري مرڪز ۾ بچت بازار قائم ڪئي وئي

شهرين بچت بازار ۾ 5 کان 10 فيصد اگهه گهٽ ڪرڻ تي پنهنجا سخت اعتراض ظاهر ڪري ڇڏيا

فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي جنهن ۾ کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه 20 کان 25 فيصد گهٽايا وڃن

ٽنڊو محمد خان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ بچت بازار تي خريداري لاءِ عوام جي رش، ڪاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه 5 کان 10 فيصد گهٽ، شهرين پاران وڌيڪ اگهه گهٽائڻ جو مطالبو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميه واپارين/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

جهڏو ۾ معمولي ڳالهه تان جوابدار نوجوان جو مٿو ڦاڙي ڇڏيو، ڊاڪٽرن پاران علاج ڪرائڻ کان انڪار

ڀيتي پاڙي جي رهواسي نوجوان گل زمان ڀيتي زخمي حالت ۾ جهڏو آر ايڇ سي اندر احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڊاڪٽر رميش ڪمار غيرذميواري ۽ لاپرواهي جو مظاهرو ڪندي منهنجو علاج ڪرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو

اسپتال ۾ موجود عملو ۽ ايندڙ مريضن سان بداخلاقي ڪري ٿو مريض تڪليف ۾ تڙپندا رهن ٿا: گل زمان ڀيتي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ معمولي ڳالهه تان جوابدار نوجوان جو مٿو ڦاڙي ڇڏيو، سرڪاري اسپتال جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سانگهڙ پوليس پاران ڪاروايون.
02 ڦورو گرفتار 02 ٽي ٽي پسٽل
هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سانگهڙ (رپورٽر) ضلعي پوليس سانگهڙ جون ڪاروايون. 02 ڦورو گرفتار 02 ٽي ٽي پسٽل پڻ هٿ ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروايون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

جهڏو: جهيڙي جو زخمي نوجوان گل زمان ڀيتي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ چورين جو آزار، صحافي جي پاءُ جي نئين موٽر سائيڪل چوري

پوليس طرفان ڪارروائي ۾ عدم دلچسپي جو مظاهرو، صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پوليس ڪاروائي جو يقين ڏيارڻ پر 36 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪا به گرفتاري عمل ۾ ناهي آندي وئي

ٿاڻن جي سامهون به عوام محفوظ ناهي پوليس جي رٽ مڪمل طور ڪمزور ٿي وئي آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ چورين جو آزار وڌي ويو. ٿاڻي ويجهو صحافي جي پاءُ جي نئي موٽر سائيڪل چوري. پوليس طرفان ڪارروائي ۾ عدم دلچسپي جو مظاهرو، صحافين جو احتجاج. چوري ٿيل موٽر سائيڪل / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 22 مارچ 2024ع

قرض عيوض خود مختياري وڪڻي رهيا آهيون!

[illegible]

نواز ليگي وفاقي حڪومت ۾ ٿيل 'اڻ ٿيڻيون'!

ايم بي سومرو

8 فيبروري 2024 تي ملڪ اندر ٿيل عام چونڊن ۾ خيبر پختونخوا صوبائي اسيمبليءَ جي 115 جنرل سيٽن مان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته 90 آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا آهن. جنهن جو مطلب پي ٽي آءِ کي صوبي جي عوام ڪل سيٽن مان 78 سيڪڙو سيٽن تي ڪاميابي ڏياري آهي. جيئن سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي واضح مينڊيٽ مليو آهي، ائين ڪي پي ڪي ۾ پي ٽي آءِ کي به ايترو واضح مينڊيٽ مليو آهي، جو صوبي ۾ حڪومت سازي لاءِ ڪين هڪ ميمبر جي به ضرورت نه آهي. انهي صوبي جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي ناقابل ضمانت گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿيا آهن. اهي وارنٽ ته عدالت پاران جاري ٿيا آهن. جنهن تي ڪو تبصرو نٿا ڪريون پر هڪ صوبي جي چيف ايگزيڪيوٽو جي گرفتاريءَ جا ملڪ مٿان گهرا سياسي اثر مرتب ٿيندا. ڪي ان عمل کي صوبي پاران پي ٽي آءِ کي مليل مينڊيٽ جي توهين تصور ڪندا ته ڪي ان کي سياسي انتقام قرار ڏيندا. شايد پي ٽي آءِ وارا اهو سوال به ڪن ته هڪ طرف اسان خلاف ڪارروايون ٿين پيون ۽ اسان جي سربراهه سوڌو ڪيترا اڳواڻ گرفتار آهن ۽ اجان وڌيڪ اڳواڻن کي جيل موڪلڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. ٻئي طرف نواز شريف، مريم نواز شريف بعد نواز شريف جي ٻن پٽن حسن نواز ۽ حسين نواز کي احتساب عدالت ٽن ڪيسن ۾ بري ڪيو آهي. اها ڳالهه عجيب آهي ۽ سمجهه کان بالاتر رهي آهي ته جڏهن ڪا پارٽي اقتدار ۾ هوندي آهي ته ان سان تعلق رکندڙ اڳواڻن جا ڪيس هڪ سُوچاليهه جي اسپيڊ سان ڇو ختم ٿيندا آهن؟ ۽ ڪا پارٽي، حڪمران پارٽي يا طاقتور ترين جي عتاب ۾ آيل نظر ايندي آهي. تڏهن ان جي اڳواڻن خلاف عدالتي ڪيس هلڻ ۾ تيزي ڇو اچي ويندي آهي؟ اهوئي سبب آهي ته ذهن ۾ سالن کان عجيب غريب سوال ايرندا رهيا آهن ۽ هاڻي به اڀري رهيا آهن پر هر مامري متعلق سوال تي کليل نموني بحث ڪرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ اسان وٽ ته 'عياشي' برداشت نه ٿي سگهندي. ان ڪري پنهنجي دائري ۾ رهڻ بهتر آهي.

ملڪ ۾ عام چونڊون ته ٿي ويون آهن پر چونڊ نتيجن تي اڃان تائين سنجيده سوال ڪر کنيو بيٺا آهن. جن کي حل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم کڻڻ ڪانسواءِ ئي وفاقي حڪومت جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي. پهرئين مرحلي ۾ هن ڀيري جنهن قسم جي وفاقي ڪابينا سامهون آئي آهي، اها ڪهڙي سياسي الجبرا سان قائم ٿي آهي؟ اهو حساب ڪتاب سمجهڻ لاءِ ماڻهو مٿو ماري ڪري رهيا آهن پر ڪين حساب ڪتاب سمجهه ۾ ايندي نظر نٿو اچي. ماڻهن جو مونجهارو ان ڪري به ڪنهن حد تائين درست لڳي رهيو آهي ته بظاهر ته وفاقي حڪومت مسلم ليگ نواز جي قائم ٿي آهي پر وفاقي حڪومت جي گهرو مامرن جي وفاقي وزير جو مسلم ليگ (ن) سان ڪو تعلق اڳ نه رهيو آهي پر گهرو وزارت جهڙو اهم عهدو ملڻ بعد ڏيکاءَ خاطر به هو مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿيڻ جو ارادو به ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سوال هي آهي ته اگر وفاقي گهرو وزير جو تعلق نون ليگ سان نه آهي ته ان کي ايڏو وڏو عهدو مسلم ليگ نواز بنا ڪنهن پارٽي لاءِ قرباني ڏيڻ [illegible]

شخصيتون ئي شامل ڪيون وينديون آهن، پوءِ محسن نقوي صاحب اگر اڏٽريو هو ته چونڊن بعد ڪيس پاڪستان جي وڏي وزارت ڇو ملي آهي ۽ ان اها قبول ڪيئن ڪئي آهي؟ نگران وڏي وزير جي عهدي تان فارغ ٿيڻ جي فوري بعد ڪيس گهرو وزير ڪهڙي صلي تحت لڳايو ويو آهي؟ نه رڳو گهرو وزير پر محسن نقوي صاحب وٽ چيئرمين پي سي بي جو به عهدو آهي، جيڪو به هڪ غير معمولي ۽ سٽيي پوسٽ تصور ٿيندو آهي. لڳي ٿو ته محسن نقوي مٿان قسمت جي ديوي گهڻو مهربان آهي، جو انهن عهدن ملڻ باوجود ڪيس سينيٽ جي ايوان ۾ 6 سالن لاءِ ميمبر به چونڊرايو پيو وڃي. مزي جي ڳالهه اها آهي جو محسن نقوي مسلم ليگ (ن) سوڌو ڪنهن به پارٽي جي ٽڪيٽ تي سينيٽر نٿو چونڊجڻ چاهي، جنهن جو اظهار هن پاڻ ڪيو آهي. اهوئي معلوم نه آهي ته هو چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ ڇا هو اهو چوڻ چاهي ٿو ته ڪا به اهڙي پارٽي نه آهي، جنهن ۾ هو شامل ٿي سگهي يا هو جنهن رستي سان پهتو آهي، ان کي وڌيڪ بهتر، فائدي مند ۽ طاقتور رستو سمجهي ۽ محسوس ڪرائي رهيو آهي. مامرو ڀلي ڪهڙو به هجي پر محسن نقوي جي ڪنهن به پارٽي جو حصو نه ٿيڻ جي واضح اعلان باوجود مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي جا پنجاب اسيمبلي ۾ ميمبر ڪيس ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهن.

وفاقي ڪابينا ۾ وزير اعظم کان پوءِ سڀ کان طاقتور ناڻي وزارت کي سمجهيو ويندو آهي. اها وزارت به مسلم ليگ نواز جي ڪنهن اڳواڻ کي نه ملي آهي پر مارڪيٽ مان هڪ بينڪر کي چونڊي لڳايو ويو آهي. خير ناڻي وزارت جو عهدو ته ڪجهه عرصي کان ٻاهرين ماڻهن جي هٿ وس ايندو رهيو آهي. پيپلز پارٽي به حفيظ شيخ، شوڪت ترين جون خدمتون حاصل ڪيون. پي ٽي آءِ حڪومت به انهن ٻنهي کي ناڻي وزارت ۾ آندو. مسلم ليگ (ن) جي حڪومت ۾ اهو ڪنهن تصور نه ڪيو هو ته قومي اسيمبلي جو ميان نواز شريف ميمبر چونڊيل هجي ۽ وزيراعظم نواز شريف بجاءِ ڪو ٻيو ٿي وڃي. خير نواز شريف وزيراعظم ٿيڻ کان بظاهر انڪار ڪيو ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي وزيراعظم جي عهدي لاءِ نامزد ڪيو جنهن لاءِ چونڊن کان اڳ ئي اهو چيو پئي ويو ته شهباز شريف ئي وزيراعظم ٿيندو ۽ چونڊن بعد ٿيو به ائين آهي. معلوم نه آهي ته اهو مامرو طئه ٿيل هو يا نه پر اهو ته ڪنهن نه سوچيو هو ته نواز ليگ جي حڪومت ۾ ناڻي وزارت جو عهدو اسحاق ڊار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي حوالي ٿي سگهي. اها اڻ ٿيڻي به نواز ليگ جي حڪومتي دور ۾ ٿي وئي آهي. نواز شريف جي سڀ کان ويجهي ساٿي اسحاق ڊار کي پرڏيهي مامرن جو وفاقي وزير بنايو ويو آهي. اها به سڀني کي ڄاڻ آهي ته پرڏيهي وزارت جي اهم ترين مامرن جا فيصلا ڪير ڪندو آهي! اها به ڪنهن کان ڪا ڳالهه ڳجهي نه آهي ته پرڏيهي مامرن جي وزارت ۽ دفاع جي وزارت جي مامرن بابت اصل فيصلائتي حيثيت ڪنهن وٽ آهي! انهن وزارتن بعد اهم ترين وزارت واپار واري تصور ٿيندي آهي.

واپار واري وزارت ان جام ڪمال کي ڏني وئي آهي. جيڪو جام ڪمال 2013ع جي اسيمبلي ۾ مسلم ليگ (ن) جو [illegible]

ڪيس پارٽي ۾ پليڪار چوڻ لاءِ آتو هو ۽ هاڻي جڏهن چونڊ کٽي اسيمبلي ۾ پهتو آهي ته ڪيس اهم ترين واپار وزارت جو قلمدان ڏنو ويو آهي. اهو عمل اگر سياست ۾ لوٽاڪريسي جي حوصلا شڪني آهي ته حوصلا افزائي ڪيئن ٿيندي آهي؟ اهو مون لاءِ الجبرا جي حساب وانگرئي آهي.

سياست ۾ عجيب ۽ غريب اهوئي مامرو نه آهي پر ناڻي وزير کي مسلم ليگ (ن) سينيٽر چونڊرائي رهي آهي. احد چيما به سينيٽر چونڊجي رهيو آهي. انهن سمورن نالن کي ڏسي لڳي ٿو ته هن ڀيري نواز ليگ کي ڪجهه سرس مجبوري لاحق ٿي آهي، ڇو ته نه رڳو اهم ترين وزارتون انهن جي ويجهن اڳواڻن وٽ نه آيون آهن پر اهو به پهريون ڀيرو ٿيو آهي جو مرڪز ۾ جنهن پارٽي جي حڪومت هجي، ان پارٽي جو صدر پاڪستان نه چونڊيو ويو هجي. هن وقت پيپلز پارٽي جو آصف علي زرداري نه صدر پاڪستان چونڊجي چڪو آهي ۽ سينيٽ چيئرمين، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي گورنر جو عهدو به پيپلز پارٽي کي ڏيڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي پر لڳي ائين ٿو ته مسلم ليگ (ن) وانگر پيپلزپارٽي کي به ڇڳي خاصي مجبوري ورائي رکيو آهي. پيپلز پارٽي ان شخص کي بلوچستان صوبي جو وڏو وزير چونڊرايو جيڪو نگران حڪومت ۾ گهرو وزير هو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته نواز ليگ پنجاب جي نگران وڏي وزير کي وفاق ۾ گهرو وزير ۽ پيپلز پارٽي وفاق ۾ نگران گهرو وزير کي بلوچستان جو وڏو وزير چونڊرايو آهي. پيپلز پارٽي چاهي ها ته بلوچستان ۾ هر ڪنهن ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ رهندڙ کي وڏو وزير ڪرائي پئي سگهي پر پيپلز پارٽي به "ايڊجسٽمينٽ" ڪئي آهي. پيپلز پارٽي جا ذريعا ٻڌائين پيا ته سينيٽ چيئرمين جو عهدو هاڻي پيپلز پارٽي جي يوسف رضا گيلاني کي ملندو پر چون ٿا نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ به سينيٽ جي چونڊ ۾ فارم ڀرايو آهي، ان ڪري اهو به سينيٽ چيئرمين جي عهدي تي اچي سگهي ٿو. ان عهدي تي به پيپلز پارٽي سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪري ٿي يا نه. ان بابت 2 اپريل بعد پتو پئجي ويندو پر سينيٽ ۾ سنڌ مان سرمد علي کي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي. معلوم نه آهي ته ان جو پيپلز پارٽي سان ڪهڙو تعلق رهيو آهي ۽ ان جي ڪهڙي پيپلز پارٽي لاءِ قرباني رهي آهي، جنهن جو ڪيس صلو ملي رهيو آهي ۽ ان کي سياسي وفاداري جي تارازي ۾ توريندڙن ميان رضا رباني، عاجز ڌامراهه، ڊاڪٽر ڪريم خواجه، مولابخش چانڊيو ۽ ٻين ڪيترن ئي سينيئر اڳواڻن کان وڌيڪ اهميت ڏيندي انهن کي ٽڪيٽ نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. باقي سڪندر جتوئي جي پٽ، شازيه مري جي ڀيڻ کي سينيٽ جي ٽڪيٽ ضرور ملي آهي. ائين اي اين پي جي صوبائي صدر کي پيپلز پارٽي اي اين پي سان گڏ پنهنجو به اميدوار نامزد ڪندي ڪيس بلوچستان مان چونڊرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ مان ٻئي صوبي سان تعلق رکندڙ پلواشا هن وقت به سينيٽر چونڊيل آهي. ماضي ۾ رحمان ملڪ، مصطفيٰ نواز کوکر ۽ ٻين کي به سنڌ مان چونڊرايو ويندو رهيو آهي. جيڪو سينيٽ ۾ صوبن [illegible]

[illegible] نگران ڪابينا، پوءِ وفاقي هجي يا صوبائي، ان ۾ ته اندريون [illegible]

توجنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي:
'فَاذْڪُرُونِي اَذْڪُرْڪُمْ'، اِي ٻِروُڙ ٻاتِ:
هَتِ ڪاتي ڳڙواتِ، ڀِڃڻ ڀِر پِرين جي.

22 مارچ پاڻي جو عالمي ڏينهن!



شير محمد نونڌاڻي

پاڻي زندگي جو بنياد آهي. [illegible]

[illegible] چاڻ گهرجي ته زندگي جو وجود ختم ٿي ويندو

2. ايڪو سسٽم سپورٽ:
آبي ماحولياتي نظام، سمنڊن کان وٺي تازي پاڻيءَ جي ڍنڍن تائين، حياتياتي تنوع جي هڪ شاندار صف جا گهر آهن. پاڻي مڇين، ٻوٽن ۽ مائڪروجنزمن جي بيشمار نسلن لاءِ رهائش مهيا ڪري ٿو، پيچيده کاڌي جا جال ناهي ٿو ۽ پيچيده ماحولياتي نظام کي سپورٽ ڪري ٿو. اضافي طور تي، آبي زمينون قدرتي فلٽرن جي طور تي ڪم ڪن ٿيون، پاڻي کي صاف ڪرڻ ۽ آلودگي جي اثرات کي گهٽائڻ آهي.

3. زرعي پيداوار:
زراعت تمدن جي پسمنظر آهي، ۽ پاڻي ان جي حياتياتي رت آهي. آبپاشي نظام فصلن کي پالڻ لاءِ پاڻي استعمال ڪري ٿو. زرعي پيداوار کي هلائي ٿو ۽ دنيا جي اربين ماڻهن لاءِ خوراڪ جي حفاظت کي يقيني بڻائي ٿو پاڻي جي کوٽ زرعي استحڪام لاءِ هڪ اهم خطرو آهي، پاڻي جي موثر انتظام جي عملن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ گهرجي.

4. صنعت ۽ پاڻي:
پاڻي مختلف صنعتي عملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو توانائي جي پيداوار ۽ وسيلن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو
اهو ڪولنگ مشينري، ٻاڦ پيدا ڪرڻ ۽ خام مال جي نقل و حمل لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ماحولياتي اثرن کي گهٽائڻ ۽ ان محدود وسيلن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ صنعت ۾ پاڻي جو پائيدار استعمال ضروري آهي.

5. انساني صحت ۽ صفائي: صاف پاڻي تائين رسائي هڪ بنيادي انساني حق ۽ عوامي صحت جو بنياد آهي. صاف پيئڻ جو پاڻي ۽ مناسب صفائي پاڻي جي پيدا ٿيندڙ بيمارين کي روڪڻ ۽ مجموعي خوشحالي کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهن. بدقسمتي سان، لکين ماڻهن کي صاف پاڻي تائين رسائي نه آهي، جنهن جي نتيجي ۾ وڏي پيماني تي انساني جانيون ۽ جيوت موت جو شڪار بڻجي ٿي

6. ثقافتي ۽ تفريحي قدر:
پاڻي ڪيترن ئي سماجن ۾ وڏي ثقافتي اهميت رکي ٿو. روايتن، رسمن ۽ روحاني عقيدن کي شڪل ڏئي ٿو. تدبون، ڍنڍون جنهن مان ٻيڙين ذريعي مڇي مارڻ لاءِ تفريحي موقعا فراهم ڪرڻ. سڄي دنيا ۾ پاڻي جي ذريعي مڇي مارڻ ذراعت ۽ ثقافتي رنگ ۽ زندگي جي معيار کي بهتر بنائڻ ۾ به پاڻي جو اهم ڪردار آهي.

7. آبهوا جو ضابطو:
پاڻي ڌرتيءَ جي آبهوا جي سرشتي کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو عملن جي ذريعي جيئن بخار ٿيڻ ۽ ٽرانسپيشن. پاڻي ڌرتيءَ جي چوڌاري گرمي کي ورهائڻ ۾ مدد ڪري ٿو درجه حرارت جي حدن کي معتدل ڪرڻ ۽ موسم جي نمونن کي متاثر ڪري ٿو موسمياتي تبديلي انهن نازڪ توازن کي خراب ڪرڻ جو خطرو آهي، وڌيڪ بار بار ۽ سخت خشڪي، ٻوڏ ۽ طوفان جي ڪري ٿيندي آهي. تنهن ڪري پاڻي جو زيان نه ڪيو وڃي ۽ وڻ پوکيا وڃن جيڪي اسان کي ٻوڏن ۽ طوفانن کان بچائي سگهن ٿا.

پاڻي صرف هڪ ڪيميائي مرڪب کان وڌيڪ آهي، اهو ئي زندگيءَ جو جوهر آهي. ان جي اهميت حدن، ثقافتن ۽ نسلن کان اڳتي وڌي ٿي، انسانيت کي گڏيل ذميواري ۾ متحد ڪري ٿي ته جيئن هن قيمتي وسيلن کي عقلمنديءَ سان سنڀالي سگهجي. جيئن ته اسان 21 هين صديءَ جي چيلنجز کي منهن ڏئي رهيا آهيون، پاڻي جي حفاظت کي اوليت ترجيح هجڻ گهرجي ته جيئن ايندڙ نسلن لاءِ پائيدار مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 01

[illegible] افغان هم منصب سان فون تي ڳالهائي جو اظهار ڪيو. ترجمان موجب، پاڪستان ڪيئي موقعن تي دهشتگرن جي ٺڪاڻن بابت افغانستان کي تفصيل ڏنا، دهشتگرد تنظيم ٽي ٽي پي جا ٺڪاڻا افغانستان ۾ آهن، جنهن تصديق رڳو اسان جي ٿي نه پر عالمي سطح جي رپورٽن ۾ به ڪئي وئي آهي. ممتاز زهرا چيو ته پاڪستان افغانستان تي قبضو ناهي ڪيو پاڪستان افغانستان جي علائقائي خودمختياري جو احترام ڪري ٿو افغانستان سان بهتر لاڳاپا چاهيون ٿا. اسان جو مقصد اڳتي وڌڻ آهي. پاڪ افغان سرحد مستحڪم ۽ پرامن آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ترجمان چيو ته پاڪستان جو شڪيل آفريديءَ واري معاملي تي موقف پراڻو آهي. شڪيل آفريدي کي پاڪستاني عدالت سزا ڏني آهي. غزا جي صورتحال تي ڳالهائيندي ترجمان چيو ته پاڪستان غزا ۾ اسپتال تي حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو معصوم ٻارن، بي ڏوهه ماڻهن ۽ شهري آبادي کي نشانو بڻائڻ جنگي ڏوهن جي زمري ۾ اچي ٿو والاريل ڪشمير بابت پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو ته ڀارت والاريل ڪشمير جي 14 سياسي پارٽين تي پابندي مڙهي چڪو آهي جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي، والاريل ڪشمير ۾ اظهار جي آزادي تي پابندي جي مذمت ڪيون ٿا.

بقايا 02

ڪوشش ڪئي. هڪ بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڊونلڊ لو جي بيان دوران پي ٽي آءِ جي نعريبازي پوري دنيا ۾ پاڪستان جو مذاق بڻايو. ڪانگريس جو جيڪو ميمبر معصوم فلسطينين جي نسل ڪشي جو حامي آهي اهو عمران خان جو به حامي آهي. هن چيو ته عمران خان کي تخت تي ويهارڻ لاءِ ڌانڌلي 2018 کان اڳ شروع ٿي چڪي هئي، ان اعلاميل سينسرشپ 2018 ۾ ٿيل چونڊن ۾ ڌانڌلي جو ثبوت آهي. 2018 ۾ ٽڪ ٻڌڻ ۾ بي قاعدگيون ٿيون. نتيجا شفاف نه هجڻ جو اعتراف يورپي مبصرن به ڪيو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 2018 ۾ آر ٽي ايس متعارف ڪرائڻ جو مقصد پي ٽي آءِ کي اقتدار ڏيارڻ هو. پي ٽي آءِ کي 2018 ۾ کٽرائڻ لاءِ ووٽرز سان 'گوسلو' واري پاليسي رکي وئي، 2018 جي چونڊن ۾ ڳڻپ جو عمل، بيلٽ باڪس تحويل ۾ وٺڻ ۽ پهچائڻ وارو عمل پوشيده رکيو ويو. هن چيو ته اليڪشن 2018 ۾ اصل ڌانڌلي اها هئي ته پيپلز پارٽي جي ڪيترا ٽڪرا ڪئي پي ٽي آءِ کي ڪارايا وڃن، مضبوط ترين اميدوارن کي 2018 ۾ ٽڪيٽ واپس ڪري آزاد اميدوار بڻجڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. 2013 ۽ 2018 جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽي خلاف ڌانڌلي جي شرح پنجاهه سيڪڙو هئي.

بقايا 03

سنگ ميل قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سي پيڪ جي صورت ۾ ويجهي ۽ پائيدار حصيداري خطي جي وسيع تر مفاد ۾ آهي. پاڪستان کي سيڙپڪار دوست ملڪ بڻائڻ وزيراعظم محمد شهباز شريف جو ويزن آهي. اها ڳالهه هن ملاقات لاءِ آيل پاڪستان ۾ مقرر عوامي جمهوريه چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ سان ڳالهائيندي ڪئي. چيني سفير عطاءُالله تارڙ کي اطلاعات واري وزارت جو قلمدان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ سي پيڪ، پاڪ چين اسٽريٽجڪ لاڳاپن، ميڊيا ۽ فلم جي شعبي ۾ جاري تعاون ۽ سي پيڪ بابت جعلي خبرن جي روڪٿام جي لاءِ چين

[illegible] وزير سي پيڪ جي حوالي سان جعلي خبرن جي خاتمي جي لاءِ حڪومت سان ۽ ميڊيا سان ميڊيا جي سطح تي ميڪنزم جوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي ڳالهائيندي عطاءُالله تارڙ چيو ته پاڪستان چين سان پنهنجي لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. ٻئي ملڪ دوستي جي لازوال رشتي ۾ ٻڌل آهن. هن چيو ته 1998ع ۾ منهنجي ڏاڏي رفيق تارڙ بطور صدر چين جي وزيراعظم جي پاڪستان جي دوري تي ان جو استقبال ڪيو. پاڪ چين دوستي اسان نسل در نسل ڏٺي آهي. اسان کي پنهنجي نئين نسل کي پنهنجي تاريخي ۽ مضبوط دوستي بابت آگاهه ڪرڻو پوندو. اسان کي نئين نسل کي ٻڌائڻو پوندو ته ڪهڙي طرح چين ۽ پاڪستان مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنو. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته چين شنگهائي تعاون تنظيم ۽ گڏيل قومن سميت هر عالمي فورم تي پاڪستان جي حمايت ڪئي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سي پيڪ جي صورت ۾ ويجهي ۽ پائيدار حصيداري خطي جي وسيع تر مفاد ۾ آهي. هن چيو ته سي پيڪ پاڪستان جي معاشي ترقي کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته چين پاڪستان اقتصادي لنگهه علائقائي رابطن جو هڪ اهڙو فريم ورڪ آهي جنهن سان نه رڳو چين ۽ پاڪستان کي فائدو ٿيندو پر ايران، افغانستان، ڀارت، وچ ايشيائي جمهوريه ۽ خطي تي ان جا مثبت اثر پوندا. هن چيو ته چين پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور سي پيڪ بابت جعلي خبرن جي روڪٿام طرف هڪ اهم اسٽريٽجڪ قدم هوندو. ان جو مقصد ڊيجيٽل ڪنيڪٽيوٽي ۽ معلومات جي مٽاسٽا جي طاقت کي استعمال ۾ آڻڻ آهي. اطلاعات واري وزارت ان حوالي سان پنهنجو ڪم جاري رکندي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان کي سيڙپڪار دوست ملڪ بڻائڻ وزيراعظم شهباز شريف جو ويزن آهي. ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ فلم ۽ ثقافت جي شعبي ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ تي اتفاق ٿيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته چين وانگر پاڪستان به هڪ قديم تهذيب آهي جنهن جي تاريخ 7 هزار سال پراڻي آهي. پاڪستان جي واديءَ سنڌ مان ڪيترين ئي روحاني ۽ ثقافتي تحريڪون اڀريون جن ايشيائي ثقافت جي شڪل اختيار ڪئي. پاڪستان جي قديم گنڌارا تهذيب ٻڌمت کي چين سميت اوڀر ايشيا جي وڏي حصي ۾ متعارف ڪرايس هن چيو ته پاڪستان ۽ چين گذريل سال پيلس ميوزيم ۾ گنڌارا ٻڌست نمائش جو گڏيل طور تي اهتمام پڻ ڪيو ملاقات ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ايس ڊي جيز جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ جي حوالي سان پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. وفاقي وزير چيو ته رومينه خورشيد عالم ايس ڊي جيز پروجيڪٽ جي حوالي سان چين سان ويجهو رابطو رکيو آهي. ملاقات ۾ پاڪستان جي قومي خبررسان اداري ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان ۽ چين جي چائنا ميڊيا گروپ (سي ايم جي) جي وچ ۾ نئين بيلٽ اينڊ روڊ فورم جي لاءِ ايم او يو جي حوالي سان پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي. ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته ٻنهي ملڪن جي حڪومتن جي وچ ۾ فلم پروڊڪشن جو معاهدو پڻ عمل هيٺ آهي. اي پي پي ۽ شنهوا ايجنسي جي وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي ڪم جاري آهي. ملاقات ۾ سي جي ٽي اين ۽ پي ٽي وي جي وچ ۾ سفري دستاويزي جي گڏيل پروڊڪشن جي لاءِ تعاون تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي. چين جي سفير پاڪ چين دوستي کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو.

بقايا 04

۾ پيش ٿيا. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٽن ميمبرن تي ٻڌل بينچ ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي جي شروع ۾ چيف جسٽس اٽارني جنرل کي چيو ته سپريم ڪورٽ جو آخري آرڊر ڇا هو. پڙهو اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جو حڪم نامو پڙهي ٻڌايو. چيف جسٽس سوال ڪيو ته ملٽري اسٽيٽ ڊائريڪٽوريٽ طرفان ڪير آيو آهي. مونا ڪل سان ملٽري اسٽيٽ ڊائريڪٽوريٽ جو اوريجنل ايگريمينٽ رڪارڊ ڪٿي آهي. سڀ ماڻهو ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ آيا آهن. يا ڪو سچ به ڳالهائيندو. چيف جسٽس ٻڌڻي ۾ ساهي ڪندي چيو ته رڪارڊ ترت ساهي ۾ پيش ڪريو. ٻئي صورت ۾ توهان عدالت جو نوٽيس ڪنداسين.

بقايا 05

جي وڏن وزيرن ۽ عسڪري قيادت به شرڪت ڪئي. اڳوڻي نگران وزيراعظم سميت اڳوڻي نگران ڪابينا به اجلاس ۾ خاص طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نگران حڪومت ۾ ايس آءِ ايف سي جي ڪارڪردگي تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ذريعن موجب وزيراعظم شرڪت ڪندڙن کي آءِ ايم ايف سان ڳالهين بابت آگاهه ڪيو ۽ معيشت جي بحالي لاءِ معاشي تير جو پلان به ايس آءِ ايف سي سامهون رکيو. وزيراعظم چيو ته هن پليٽ فارم جو مقصد ٻاهرين ملڪ سيڙپڪارن جو سيڙپڪاري ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي. اجوڪي اجلاس ۾ مختلف سياسي جماعتن جي چونڊيل نمائندن ۽ عسڪري قيادت جي شرڪت ان ڳالهه جو واضح پيغام آهي ته ملڪي ترقي لاءِ سڀ گڏ آهيون. هن چيو ته معيشت وڏن چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي، تمام جلد ملڪي معيشت پنهنجي پيرن تي بيهندي ۽ اسان پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿينداسين. اسان کي هر ميدان ۾ سڌارا آڻڻا آهن. سنڌس چوڻ هو ته آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو ٿي چڪو آهي، ڪجهه ڏينهن ۾ قسط ملي ويندي. اسان کي وڌيڪ هڪ پروگرام گهرجي، جنهن جو دورانيو 3 سالن تائين ٿي سگهي ٿو پروگرام تحت سڌارا آڻڻ تمام ضروري آهي. وزيراعظم چيو ساڍا 1300 ارب رپيا جيڪڏهن اسان وٽ اچي وڃن ته ڪستوري سگهون ٿا. وفاق اڪيلو چئلينجن کي منهن نٿو ڏئي سگهي. اميد آهي ته سياسي اختلاف پاسي تي رکيا ويندا. اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. شهباز شريف چيو ته اسان کي اڳتي سخت فيصلا ڪرڻا پوندا، بار انهن تي وجهڻ گهرجي، جيڪي برداشت ڪري سگهن. ماضي ۾ اشرافيا کي سبسڊي ڏني وئي.

بقايا 06

ڪيو ويو آهي. گهرو وزير جي هدايتن تي بجلي ۽ گيس چورن جي خلاف ڪريڪ ڊائون لاءِ اسپيشل ٽيمون جوڙيون ويون آهن ۽ گهرو وزير ايف آءِ اي کي ان حوالي سان خصوصي ذميواريون به ڏنيون آهن. محسن نقوي بجلي ۽ گيس چوري ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ايف آءِ اي اختيارين وفاقي گهرو وزير کي يونان ٻيڙي حادثي جي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي جنهن تي محسن نقوي چيو ته ٻيڙي حادثي ۾ ملوث ماڻهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻو پوندو. انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف ڪارروائي کي يقيني بڻايو ويندو. گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ايف آءِ اي جي اختيارين ٻڌايو ته ملوث ماڻهن جي خلاف ڪارروائي جاري آهي. پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ بهتري آئي آهي. ان موقعي تي محسن نقوي ايف آءِ اي کي حوالا هنڊي ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف گهيرو وڌيڪ تنگ ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ايف آءِ اي اهلڪارن کي ٻڌڻي هيٺ ترقين تي به اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. گهرو وزير التوا هيٺ پروموشن ڪيسز کي هڪ مهيني ۾ اڪلائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 07

ويو. پرڏيهي آفيس موجب يورپي يونين، بيلجيم ۽ لڪسمبرگ ۾ پاڪستان جي سفير آمنه بلوچ سنڌس استقبال ڪيو

بقايا 08

سعودي عرب جي دوري بابت اعتماد ۾ ورتو. وزيراعظم پاڪ سعودي لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ياد رهي ته وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل جي ايپيڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو اعليٰ عسڪري اختيارين به اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته آرمي چيف جنرل عاصم منير اجلاس ۾ خصوصي طور تي شرڪت ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف خطاب ڪندي چيو ته ايس آءِ ايف سي هڪ پليٽ فارم آهي جنهن کي جاري رکيو ويندو. ايس آءِ ايف سي جي ايپيڪس ڪميٽي نگران حڪومت ۾ به موثر ۽ ڀرپور ڪردار ڪيو ويو

بقايا 09

ويو آهي. جيڪڏهن مرڪز سان لاڳاپا بگاڙيندو ته اسان جو صوبو پوئتي رهندو. سنڌس چوڻ هو ته 2 اپريل تي سينيٽ چونڊن ڪانپوءِ حڪومت مڪمل ٿي ويندي. ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا، اميد ته بحران مان نڪري وينداسين. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته ڪي پي اسيمبلي جو اسپيڪر چاهي ٿو ته مخصوص سيٽن ڪٽيندڙ حلف نه کڻن. جيڪڏهن اسپيڪر حلف نه ورتو ته قانون کي منهن ڏيندو هن چيو وفاقي حڪومت کي درخواست آهي ته ڪي پي جو جيڪو حق آهي اهو ان کي ڏنو وڃي. پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ پ پ جا گورنر هوندا، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ن ليگ جا گورنر هوندا پر اڃا نالا فائنل ناهن ٿيا.

بقايا 10

پنجگور ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو. آپريشن ۾ دهشتگرد چاڪر لياقت مارجي ويو ۽ به دهشتگرد زخمي ٿي پيا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگرد جي قبضي مان هٿيار، گولا بارود به برآمد ٿيو

بقايا 11

تي سائفر موقف کي ڪوڙ قرار ڏنو سنڌس چوڻ هو ته هاڻي اها ڳالهه باضابطه طور تي طئي ٿي چڪي آهي ته سائفر کي بنياد بڻائي تحريڪ انصاف پنهنجي سياسي مقصدن جو تحفظ ڪيو. پيپلزپارٽي جي نائب صدر چيو ته آڊيو ليڪ ۾ تحريڪ انصاف باني ۽ سنڌس ساٿين سائفر تي سياست ڪيڏڻ جي رٿابندي ڪندي ٻڌا ويا. سينيٽر شيري رحمان چيو ته پي ٽي آءِ باني جو پرنسپل سيڪريٽري سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ۾ تفصيلي وضاحت پيش ڪري چڪو آهي. هڪ سفارتي لکت کي سياسي ۽ ذاتي مفادن لاءِ توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو. سائفر موقف کي پنهنجن تنڌڻ سياسي مقصدن جي حاصلات لاءِ ملڪي ۽ پرڏيهي مفادن کي داءَ تي لڳائڻ جي بدترين مثال طور ياد رکيو ويندو.

بقايا 12

سرڪاري خريداري مرڪزن تي ڪڻڪ خريد ڪئي ويندي. باردانِي لاءِ سنيٽن فارم جو شرط ختم ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب باردانو پاس بڪ ۽ تازي ڊِل رپورٽ جي بنياد تي ڏنو ويندو. 16 ايڪڙ جي آبادگارن کي 100 سيٽي جون ٻوريون ۽ 200 پلاسٽڪ جون ٻوريون ڏنيون وينديون. 30 ايڪڙ جي آبادگارن کي 500 سيٽي جون ٻوريون ۽ هڪ هزار پلاسٽڪ جون ٻوريون ڏنيون وينديون. جڏهن ته 50 ايڪڙ ۽ مٿي جي آبادگارن کي 1000 سيٽي جون ٻوريون ۽ 2000 پلاسٽڪ جون ٻوريون ڏنيون وينديون. پاليسي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪڻڪ خريد ڪرڻ ڪانسواءِ اڳرات رقم ڏيڻ کي ڏوهه سمجهيو ويندو. اهڙي صورت ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ، ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ۽ سينٽر جي انچارجن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويندا. نوٽيفڪيشن موجب ٻين صوبن مان ڪڻڪ جي سنڌ ۾ آمد ۽ سنڌ مان ٻين صوبن ڏانهن ڪڻڪ جي منتقلي جي جاچ ڪئي ويندي. ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته ڪڻڪ صوبي جي لاڳاپيل ضلعي مان خريد ڪئي وڃي. ڪنهن ٻئي صوبي مان خريد نه ٿئي. خوراڪ کاتي جي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب لاڙڪاڻي ۽ سکر ضلعن جا ڪمشنر پنهنجن ضلعن جي پوليس آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندا ته سنڌ مان ڪڻڪ افغانستان اسمگل نه ٿي سگهي.

بقايا 13

اجلاس کي خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته اسان کي صاف ۽ سستي توانائي جي ضرورت آهي. ماحول دوست توانائي مستقبل لاءِ عمل جوڳو حل پيش ڪري ٿي. هن چيو ته پاڪستان آءِ اي اي جو فعال ڀائيوار آهي. اسان ڪوپ 28 ۾ گهٽ خارج ٿيندڙ ٽيڪنالاجي ۾ جوهري توانائي جي منظوري ڏني هئي. جوهري توانائي جي پرامن مقصدن ۾ استعمال لاءِ پاڪستان پنهنجا تجربا دنيا سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سنڌس چوڻ هو ته هيءَ سمٽ توانائي جي وڌندڙ طلب ۽ پيش موسمياتي چيلينجن وقت ٿي رهي آهي. توانائي مسئلن جي حل لاءِ پائيدار قدمن جي ضرورت آهي.

بقايا 14

رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ايس ايس پي جاچ ڏکڻ ڊاڪٽر فرخ رضا کي بدلي ڪري ايس ايس پي اوپر مقرر ڪيو ويو آءِ جي سنڌ طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

بقايا 15

چيو ته هي اسان جي شهيدن جو مذاق اڏائين ٿا. اهي لفظ استعمال ڪيا ويا جيڪي دشمن به نه ڪيا. جيڪڏهن ميانوالي بيس تي حملو ٿي

ٽي آءِ وارا ڪن ته اهي انقلابي آهن جو ته ڪين جينس ڀهريل آهي پر ڏاڙهي وارا ڪن ها ته اهي دهشتگرد هجن ها.

بقايا 16

ڇڏيو. جڏهن ته اسد مجيد سائفر جو ڪانٽينٽ عدالت ۾ جمع ڪرايو آهي ۽ ملاقات جي تصديق ڪئي آهي

بقايا 17

هيٺ جوابدار ٿاڻي جي عمارت تان ٽپو ڏئي ڇڏيو. پوليس موجب جوابدار جون ٻئي ٽنگون ڀڳي پيون آهن. ڪيس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس ٻڌايو ته جوابدار کي اغوا جي الزام ۾ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو هو

بقايا 18

کي ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو. عدالت ۾ ايف نائن پارڪ ۾ مبينا زيادتي جو شڪار ٿيندڙ ڇوڪري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جوابدار ساجد حسين کي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت جاچ آفيسر جي استدعا تي جوابدار کي 14 ڏينهن جي ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 3 اپريل تائين ملتوي ڪندي جاچ آفيسر کي چالان جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

بقايا 19

عمران خان جي خلاف سائفر ڪيس واپس ٿيڻ گهرجي. ميڊيا سان ڳالهائيندي بابر اعوان چيو ته ڊونلڊ لو عمران خان کي بري ڪرڻ وارو بيان ڏنو آهي. ڊونلڊ لو مطابق سائفر آهي ئي نه هن چيو ته جيڪڏهن ڊونلڊ لو سچو آهي ته هي ڪيس ئي ڪوڙو آهي. جيڪڏهن ڊونلڊ لو ڪوڙو ۽ هي سچا آهن ته انهن ڪيس ئي ختم. بابر اعوان چيو ته موجود حڪومت چوري جي مينڊيٽ سان ناهي وئي آهي. هي سليڪٽ مار حڪومت آهي. هي ڀهريان سليوٽ ڪري ٿي. ڊونلڊ لو کي هن چيو ته سائفر کي عمران خان جو موقف ڪالهه ثابت ٿي ويو. ڪالهه ڊونلڊ لو تسليم ڪيو ته اسان سازش ناهي ڪئي سائفر ڪوڙو آهي. پاڪ ايران تي گئس پائيپ لائن تي آمريڪي دٻاءُ جا مداخلت ناهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن ڏکڻ ايشيا لاءِ آمريڪي اسسٽنٽ پرڏيهي سيڪريٽري ڊونلڊ لو آمريڪي ايوان نمائندگان جي ڪميٽي ۾ بيان ڏنو هو ته سائفر سازش سراسر ڪوڙ آهي. آمريڪا جو عمران خان جي حڪومت ختم ڪرڻ ۾ ڪو به ڪردار ناهي.

بقايا 20

ناظم آباد ۾ لنڊي ڪوتل چورنگي وٽ پيش آيو. اطلاع ملڻ تي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس ٻڌايو ته ڊاڪٽرن موجب لاش 7 کان 8 ڪلاڪ پراڻو آهي. ان جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. جڏهن ته مرندڙ شخص جي عمر تقريبن 30 سال آهي. پوليس موجب گاڏي جا سمورا شيشا بند هئا. واقعي جي حوالي سان شاهديون گڏ ڪيون وڃن آهن ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 21

۽ مسودو تيار ڪيو ويندو اهڙو فيصلو توانائي، ترقي ۽ منصوبابندي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪول اٿارٽي جي اعليٰ سطحي اجلاس جيڪو توانائي کاتي جي آفيس ۾ ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين ترقيات، منصوبابندي سنڌ نجم احمد شاهه، سيڪريٽري انرجي ڊپارٽمينٽ مصدق احمد خان، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ڪول اٿارٽي حق نواز شر، ڪنسلٽنٽ ڊاڪٽر فريد اي ملڪ، ڊپٽي ڊائريڪٽر آصف منگي ۽ عمير علي قائمخاني پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ ڪوئلي مان گئس ٺاهڻ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڏکڻ آفريڪا جي جديد ليبارٽري ڏانهن موڪليل ٿر جي ڪوئلي جي نمونن جي ٽيسٽ جي نتيجي ۾ صلاحڪار نئين رپورٽ پيش ڪئي جنهن موجب ٿر جي ڪوئلي کي ڏکڻ آفريڪا جي انٽرنيشنل ليبارٽري ۾ گئس ٺاهڻ لاءِ بهترين قرار ڏنو ويو آهي. اجلاس کي اهو به ٻڌايو ويو ته ڪوئلي مان گئس جي پيداوار سان ملڪ کي هر سال 500 ملين ڊالرن جي پرڏيهي مٽاسٽا جي بچت ٿي سگهي ٿي. گئس امپورٽ جي حوالي سان جيڪڏهن اسان ٿر جي 175 بلين ٽن ڪوئلي جي ذخيرن مان انرجي سسٽم ناهيون ته انرجي امپورٽ بل ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي آڻي سگهون ٿا جڏهن ته گرين ڪول ٽيڪنالاجي سان آلودگي کان به بچي سگهجي ٿو اجلاس ۾ پراڻي گيس کي فائر لاءِ استعمال ڪرڻ نقصانڪار قرار ڏنو ويو. جڏهن ته توانائي وارو وزير سنڌ ڪول گيس جي حوالي سان توانائي واري وفاقي وزير سان ذاتي طور تي رابطو ڪندو.

بقايا 22

ماهوار بجلي بلن ذريعي اوڳاڙڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته واپارين جي

سالياني آمدني کي پارٽين حصن ۾ ورهايو ويندو ۽ ٽيڪس اوڳاڙي اصل شاپ اونر بدران دڪان تي ڪاروبار ڪندڙ کان ڪئي ويندي. ان لاءِ بجلي جي بلن ۾ واپارين لاءِ هڪ نئون ڪالم متعارف ڪرائڻ جي تجويز به سامهون آئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جاتايل اسڪيم نئين مالي سال جي بجيٽ کان اڳ اچڻ جو امڪان آهي جڏهن ته آءِ ايم ايف کي به جاتايل پلان بابت آگاهه ڪيو ويو آهي.

بقايا 23

ڪئي ۽ صحتيابي لاءِ دعا به ڪئي. ان موقعي تي پ پ اڳواڻ چيو ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر حافظ نعيم منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. بلاول ڀٽو جو اهو ئي فلسفو آهي ته نفرت جي سياست ختم ٿئي. سنڌس چوڻ هو ته ڪراچي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ سڀني جماعتن کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 24

لوڌران جي تعلقي ڪهروڙپڪا جي علائقي [illegible] ڪونا ۾ ٿي. پوليس ٻڌايو ته عرفان نالي شخص جو گهر ۾ پنهنجي ڳورهاري زال رقيه سان جهيڙو ٿي پيو ته سنڌس زال مبينه طور تي ان جي منهن تي چماٽ هڻي ڪڍي جنهن تي هن مبينه طور تي ڀريان پنهنجي زال جي ڳلي ۾ ڦاهو وجهي ان کي قتل ڪيو ان کان پوءِ پنهنجي ڏيڍ ورهين جي ڌيءَ جي منهن تي وهاڻو رکي ان کي به گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو. صدر ٿاڻي ڪهروڙپڪا جي پوليس ماءُ ڌيءُ جا لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ ڪهروڙ پڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا. جڏهن ته جوابدار کي گرفتار ڪري واردات واري جڳهه ۾ قتل ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپڙو، وهاڻو ۽ ٻيون شاهديون به حاصل ڪري ورتيون. پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ خبر پئي آهي ته ٻئي زال مڙس پاڻ ۾ ويجها مائٽ هئا جنهن سبب انهن جو پاڻ ۾ ڪافي ڏينهن کان جهيڙو هلندڙ هو.

بقايا 25

اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. پوليس موجب جي سي وومين يونيورسٽي جي شاگردياڻي جي شڪايت تي نجي هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردياڻين جون ڳجهي نموني غير اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ جو معاملو سامهون آيو. شاگردياڻي ٻڌايو ته هاسٽل جي انچارج عورت جي ڀاءُ ان جي واش روم ۾ رهڻ دوران وڊيو ٺاهي. جوابدار موبائل فون ذريعي هڪ سوراخ رستي لڪي وڊيو ٺاهي رهيو هو ته ان جي موبائل تي نظر پئجي وئي. پوليس وومين ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪري هاسٽل انچارج هنزا ۽ وڊيو ٺاهيندڙ سنڌس ڀاءُ عمر کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي.

بقايا 26

جي خلاف ڪيسن جا ثبوت پيش ڪرڻ جو پيغام ڏنو پر وفاق ۽ پنجاب حڪومت کي شرافت جي زبان سمجهه ۾ نه ٿي اچي. هڪ انٽرويو ۾ علي امين گنڊاپور وفاق ۽ پنجاب کي خبردار ڪيو آهي ته ان جي، ان جي پارٽي جي قيادت ۽ پارٽي جي خلاف ڪيسن ۾ ثبوت آهن ته سامهون آندا وڃن. ٻئي صورت ۾ ڪيس ختم ڪيا وڃن. هن پنهنجي گرفتاري جو چيلنج ڏيندي الزام مڙهيو ته وفاق ۽ پنجاب صوبن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ چاهين ٿا. وزيراعليٰ پنهنجي ضمانت نه ٿيڻ جوڳي گرفتاري وارنٽ تي رد عمل ڏيندي چيو ته پارٽي ليڊر شپ جي خلاف ڪيسن جا ثبوت پيش ڪرڻ جو پيغام ڏنو پر ڪين شرافت جي زبان سمجهه ۾ نٿي اچين. علي امين گنڊاپور چيو ته ڪين لڳي ٿو ته هي گرفتار ڪري وٺندا. ائين ڪري وٺن عوام پنهنجي وڏي وزير ۾ پنهنجو تحفظ ڪرڻ چاهي ٿو.

بقايا 27

۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزارت کي خاص هدايتون جاري ڪري عملدرآمد رپورٽ به طلب ڪئي وئي آهي. اليڪٽرانڪس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي وزارت اليڪشن ڪميشن کي ٻڌايو ته سسٽم جي ڏکيائين سبب ان هدايت تي مرحلي وار عمل ڪري سگهجي ٿو. ڪميشن خاص حڪم نامي تحت حڪومت کي چيو آهي ته واٽس ايپ ميسيجنگ ۽ فيس بڪ پوسٽس ذريعي ملڪ جي غير معمولي ترقي ۽ خوشحالي جون دعوائون نه ڪيون وڃن. واضح رهي ته سياسي جماعتن ڪانسواءِ ڪيترين ئي تنظيمن اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪري مودي سرڪار طرفان ترقي ۽ خوشحالي جي بي بنياد دعوائن جي شڪايت ڪئي هئي.

بقايا 28

گهر واري رابعه جي ڀرين مڙس مان 8 ورهين جي ٻارڙي وناءِ کي پيٽرول هاري باهه ڏني هئي جنهن سبب ٻارڙي جو جسم 25 سيڪڙو تائين سڙي ويو هو. پوليس موجب ٻارڙي جي والده مڙس جي دٻ سبب پوليس کان معاملو کي

لڪائي رکيو ۽ عورت ٻارڙي جو ڪڏهن سول اسپتال ته ڪڏهن نجي اسپتال مان علاج ڪرائيندي رهي. بيان ڏيندڙ عورت موجب انهي 2 سال اڳ طارق نالي شخص سان شادي ڪئي هئي جنهن مان ڪيس هڪ پٽ جو اولاد آهي. اڳوڻي مڙس امجد مان ان جي 8 ورهين جي هڪ ڌيءَ آهي جيڪا ان سان گڏ رهندي آهي. 16 فيبروري تي ڌيءَ ٽيوشن تان گهر آئي ته مڙس طارق ڌيءَ کي مارڪٽ شروع ڪري ڏني. مان ٻارڙي کي بچائڻ لڳس ته مڙس ڪاوڙ ۾ اچي مون کي به تشدد جو نشانو بنايو ۽ ڌيءَ تي پيٽرول هاري باهه لڳائي ڇڏي جنهن کي وڏي مشڪل سان بچايو. هاڻ مڙس مون کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. پوليس موجب 8 ورهين جي ٻارڙي تي پيٽرول هاري باهه لڳائڻ جي واقعي جو ڪيس ٻارڙي جي ويڳي پيءُ جي خلاف داخل ڪيو ويو آهي. جوابدار جي ڳولا جاري آهي جلد کان جلد کيس گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 29

شاهه جي صدارت هيٺ ضلعي ڏکڻ ڪراچي جو اجلاس ڊسٽرڪٽ سائوٿ آفيس ۾ ٿيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن رٽائرڊ الطاف ساريو، ضلعي ڏکڻ تعلقي جي اسسٽنٽ ڪمشنر، سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ جي حوالي سان انتظامن ۽ اپائن جو جائزو ورتو ويو. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه کي آگاهي ڏني وئي ته آفيسر روزانو بازارن جا دورا ڪري رهيا آهن جڏهن ته رمضان المبارڪ جي شروعات کان وٺي 422 منافع خورن جي خلاف ڪارروائي ڪندي 6,221,000 رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته قيمت ڪنٽرول جي اپائن جي ڀڃڪڙي تي 5 دڪان سيل ۽ 2 ماڻهن کي گرفتار ڪيو پڻ ويو آهي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته آفيسر روزاني جي بنياد تي بازار جو دورو ڪرڻ جو سلسلو جاري رکن ۽ ڪارروائي جا تفصيل فراهم ڪن. هن چيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻڻ وارا اپاءَ عوام جي اطمينان جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجن. سردار شاهه چيو ته پلاري مهيني ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عام ماڻهو کي هر ممڪن فائدو پهچي ۽ ناجائز منافعي خورن کي نقصان ٿئي. هن هدايت ڪئي ته عوامي شڪايتن ۽ ڪارروائي جي ميڪنزم کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي. جڏهن ته شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪارروائي کي به يقيني بڻايو وڃي. صوبائي وزير چيو ته سيلر ۽ ڪنزيومر جي وچ ۾ قيمتن ۾ وڏو فرق نظر اچي رهيو آهي جنهن ۾ توازن پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. تعليم واري وزير سردار علي شاهه سنڌ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته هر ڪاڌي پيتي جي شين جي صفائي ۽ صحت جي اصولن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا 30

ته رمضان ۾ امڪاني کوٽ تي ڪنٽرول جي لاءِ کنڊ جي خريداري جو ٽينڊر جاري ڪيو ويو هو. يوٽيليٽي اسٽورز جي ذريعن ٻڌايو ته کنڊ جي مهانگي ٿيڻ سبب ٽينڊر رد ڪيو ويو گهٽ کان گهٽ ٻولي 142 رپيه في ڪلو جي حساب سان لڳائي وئي، خرچ ملائي في ڪلو کنڊ 155 رپيين ۾ پئجي رهي هئي. يوٽيليٽي جي ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪارپوريشن وٽ کنڊ جا وڏا ذخيرا موجود آهن. يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن 45 هزار ميٽرڪ ٽن جي تحت ٻوليون طلب ڪيون هيون.

بقايا 31

۾ علاج هيٺ ايشيا جي ڊگهي ترين شخص نصير سومرو سان عيادت ڪئي. گورنر اسپتال پهچي ڊاڪٽرن کان نصير سومري کي فراهم ڪئي ويندڙ علاج جي سهولتن بابت پڇيو. ان موقعي تي ڪامران ٽيسوري چيو ته نصير سومرو اسان جو قومي اثاثو آهي. سنڌس سار سنڀال ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ويندي. هن نصير سومري کي مالي مدد جو چيڪ به ڏنو. جنهن تي نصير سومري سنڌس ٿورا مڃيا.

بقايا 32

پاڻي جو عالمي ڏينهن وڏي جذبي سان ملهائي رهي آهي تاڪي تازي پاڻي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ عالمي پاڻي جي بحران بابت آگاهي پيدا ڪري سگهجي. هن پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته واٽر ڪارپوريشن موجوده ٽريٽمينٽ پلانٽس کي جديد ٽيڪنالاجي سان اپ گريڊ ڪري رهي آهي جڏهن ته ڪارپوريشن جي سڌارن جي ڪوشش ۾ ورهاست واري نيٽ ورڪ کي وڌائڻ، سمارٽ ميٽرنگ متعارف ڪرائڻ ۽ سيوريج انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري شامل آهي. هن چيو ته واٽر ڪارپوريشن ڪراچي

شهر ۾ پاڻي جي مسلسل فراهمي ذريعي امن ۽ خوشحالي کي هٿي وٺرائڻ ۾ مصروف آهي ۽ واٽر ڪارپوريشن پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي شهر جي هر اداري هر فرد ۽ هر گهٽي تائين محفوظ طريقي سان صاف پاڻي پهچائڻ، ريسائڪلنگ ۽ سيوريج سسٽم کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ امن ۽ خوشحالي سان پاڻي جي فراهمي جاري رهي. واضح رهي ته 1993 کان گڏيل قومن پاران هر سال پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي.

بقايا 33

گهر واري رابعه جي ڀرين مڙس مان 8 ورهين جي ٻارڙي وناءِ کي پيٽرول هاري باهه ڏني هئي جنهن سبب ٻارڙي جو جسم 25 سيڪڙو تائين سڙي ويو هو. پوليس موجب ٻارڙي جي والده مڙس جي دٻ سبب پوليس کان معاملو کي لڪائي رکيو ۽ عورت ٻارڙي جو ڪڏهن سول اسپتال ته ڪڏهن نجي اسپتال مان علاج ڪرائيندي رهي. بيان ڏيندڙ عورت موجب انهي 2 سال اڳ طارق نالي شخص سان شادي ڪئي هئي جنهن مان ڪيس هڪ پٽ جو اولاد آهي. اڳوڻي مڙس امجد مان ان جي 8 ورهين جي هڪ ڌيءَ آهي جيڪا ان سان گڏ رهندي آهي. 16 فيبروري تي ڌيءَ ٽيوشن تان گهر آئي ته مڙس طارق ڌيءَ کي مارڪٽ شروع ڪري ڏني. مان ٻارڙي کي بچائڻ لڳس ته مڙس ڪاوڙ ۾ اچي مون کي به تشدد جو نشانو بنايو ۽ ڌيءَ تي پيٽرول هاري باهه لڳائي ڇڏي جنهن کي وڏي مشڪل سان بچايو. هاڻ مڙس مون کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. پوليس موجب 8 ورهين جي ٻارڙي تي پيٽرول هاري باهه لڳائڻ جي واقعي جو ڪيس ٻارڙي جي ويڳي پيءُ جي خلاف داخل ڪيو ويو آهي. جوابدار جي ڳولا جاري آهي جلد کان جلد کيس گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 34

شاهه جي صدارت هيٺ ضلعي ڏکڻ ڪراچي جو اجلاس ڊسٽرڪٽ سائوٿ آفيس ۾ ٿيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن رٽائرڊ الطاف ساريو، ضلعي ڏکڻ تعلقي جي اسسٽنٽ ڪمشنر، سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ جي حوالي سان انتظامن ۽ اپائن جو جائزو ورتو ويو. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه کي آگاهي ڏني وئي ته آفيسر روزانو بازارن جا دورا ڪري رهيا آهن جڏهن ته رمضان المبارڪ جي شروعات کان وٺي 422 منافع خورن جي خلاف ڪارروائي ڪندي 6,221,000 رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته قيمت ڪنٽرول جي اپائن جي ڀڃڪڙي تي 5 دڪان سيل ۽ 2 ماڻهن کي گرفتار ڪيو پڻ ويو آهي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته آفيسر روزاني جي بنياد تي بازار جو دورو ڪرڻ جو سلسلو جاري رکن ۽ ڪارروائي جا تفصيل فراهم ڪن. هن چيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻڻ وارا اپاءَ عوام جي اطمينان جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجن. سردار شاهه چيو ته پلاري مهيني ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عام ماڻهو کي هر ممڪن فائدو پهچي ۽ ناجائز منافعي خورن کي نقصان ٿئي. هن هدايت ڪئي ته عوامي شڪايتن ۽ ڪارروائي جي ميڪنزم کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي. جڏهن ته شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪارروائي کي به يقيني بڻايو وڃي. صوبائي وزير چيو ته سيلر ۽ ڪنزيومر جي وچ ۾ قيمتن ۾ وڏو فرق نظر اچي رهيو آهي جنهن ۾ توازن پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. تعليم واري وزير سردار علي شاهه سنڌ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته هر ڪاڌي پيتي جي شين جي صفائي ۽ صحت جي اصولن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا 35

وفاق ۽ پنجاب حڪومت کي شرافت جي زبان سمجهه ۾ نه ٿي اچي. هڪ انٽرويو ۾ علي امين گنڊاپور وفاق ۽ پنجاب کي خبردار ڪيو آهي ته ان جي، ان جي پارٽي جي قيادت ۽ پارٽي جي خلاف ڪيسن ۾ ثبوت آهن ته سامهون آندا وڃن. ٻئي صورت ۾ ڪيس ختم ڪيا وڃن. هن پنهنجي گرفتاري جو چيلنج ڏيندي الزام مڙهيو ته وفاق ۽ پنجاب صوبن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ چاهين ٿا. وزيراعليٰ پنهنجي ضمانت نه ٿيڻ جوڳي گرفتاري وارنٽ تي رد عمل ڏيندي چيو ته پارٽي ليڊر شپ جي خلاف ڪيسن جا ثبوت پيش ڪرڻ جو پيغام ڏنو پر ڪين شرافت جي زبان سمجهه ۾ نٿي اچين. علي امين گنڊاپور چيو ته ڪين لڳي ٿو ته هي گرفتار ڪري وٺندا. ائين ڪري وٺن عوام پنهنجي وڏي وزير ۾ پنهنجو تحفظ ڪرڻ چاهي ٿو.

بقايا سنڌيار 01

سنگرار واسڻ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ۽ سنڌ اندر وڌندڙ اغوا جي وارداتن ۽ بدامني خلاف ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين جي اڳواڻن سردار قربان ڪلوڙ، شير محمد چاچڙ، مختيار علي بلو، صفت علي هاليپوٽو، جاويد نوحاڻي، عليشاز ڪمر، ڪامريڊ علي اصغر، لال چاچڙ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ بدامني جي باهه ٻرڪي رهي آهي هر هنڌ اغوا ۽ قتل و غارت جون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن تي ضابطو آڻڻ پوليس جي وس کان ٻاهر آهي هنن چيو ته اڍائي سال کان وڌيڪ جو عرصو گذرڻ باوجود اغوا ٿيل سنگرار جي رهواسڻ معصوم نياڻي پريا ڪماري کي به بازياب ناهي ڪرايو ويو جنهن سبب سنڌس گهر اندر پريشاني واري صورتحال پکڙيل آهي هنن چيو ته سنڌ پوليس پنهنجا فرض نڀائڻ بجاءِ صرف ڪمداري ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل ۽ سنڌس واسي غير محفوظ بڻيل آهن هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پريا ڪماري کي فوري طور بازياب ڪرائي سنڌ ۾ امن بحال ڪرايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 02

جهرڪ ٿاڻي جي انسپيڪٽر امير بخش ڪوسو ۽ اونگر انچارج ارشاد علي منگي اسٽاف سميت اونگر مين نيشنل هاءِ وي روڊ تي چيڪنگ دوران انڊس ڪرولا ڪار کي پڪڙي ڪار مان 50 ڪلو گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري 700 پڙيون تيار ٿيل گٽڪو هٿ ڪري جوابدار ڪاشف قمبراڻي ۽ شبير احمد کي گرفتار ڪري جهرڪ ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو..!!

بقايا سنڌيار 03

۽ هر سال جيان هن پنهنجي وارڊ جي 200 سئو غريب مستحق مائٽن عيد ڪپڙا گهر وڃي ورهايا ان موقعي فلاحي ڪاميٽي جي چيئرمين نوراحمد رند چيو ته اسان غريبن جي هر وقت خدمت ڪريون وس آهر عوام جي خدمت کي عبادت سمجهي ڪري رهيا آهيون اسان بيواهن ...

بقايا سنڌيار 44

پٽڻ لاءِ مائٽن کي آگاهي ڏيڻ انتهائي ضروري آهي جنهن قوم ۾ شعور آهي ته اهي قومون فرش کان عرش تي پهچن ٿيون پر جيڪڏهن شعور نه آهي ته پوءِ ترقي يافته قومون به زوال جو شڪار ٿين ٿيون هن چيو ته مائٽن کي ٻي بي بابت شعور ڏيڻ سماج جي هرفرد جي ذميواري آهي ان ذميواري ۾ نرس جواهم ڪردار آهي هن چيو ته هن ڪاليج ۾ نرسنگ پڙهندڙ هر

بقايا سنڌيار 51

هرڻي ڪوسو مراد پهنور حبيب الا حاجاڻو محمد علي ڪوسو مڪيش ڀيل ۽ ٻين رانديگرن بهترين راند ڪري خوب داد حاصل ڪيو جنهن ملهه پهلوانن جي شهرين سياسي سماجي شخصيتن ڀرپور آجيان ڪري انعام ڏنا انهي موقع تي ملهه راند جي اڳواڻ منظور عرف هرڻي چيو ت هي راند سنڌ جي ثقافتي راند آهي هتي سنڌ جا بهترين رانديگر آيا آهن ۽ شهر ٺوڙهي ڀهراڙي جا ماڻهو اچي لطف اندوز ٿيا آهن هن چيو هتي عيد جي ٻي ڏينهن کان وري راند ٿيندي هن چيو هتي جي عوام امن پسند آهي جنهن رانديگرن جي خوب همت افزائي ڪئي آهي جنهن لاءِ آئون هتي جي عوام جو ٿورائتو آهيان

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
روزاني سنڌيار ڪراچي
ايڊيٽر اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com